ماهوار
# بيداري
حيدرآباد

ايڊيٽر
محمد موسيٰ ڀٽو

موبائيل نمبر
03313686186

شمارو: ٢٤٣ - آگسٽ 2015
قيمت: ٢٥ رپيا

مجلسِ ادارت
- شيخ محمد يوسف
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راهمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
MonthlyBedari@gmail.com
www.bedarimillat.com

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| قومن جي زندگي ۾ جاري اصل جنگ | اوريا مقبول جان / علي اڪبر راهمون | 2 |
| عالم اسلام | عاشق مغيري | 8 |
| برما ۾ مسلمانن جي نسل ڪشي! | | |
| اهم جائزو | | |
| جديد انسان چوواٽي تي (مستقل سلسلو) | علامه محمد اسد | 27 |
| شاه جو ڪلام ۽ ان جي تشريح | محمد موسيٰ ڀٽو / آمنه حامد زبيدي | 41 |
| ترقي پسندي جو بنيادي نظريو (ٻي قسط) | سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالغفور جمالي | 58 |




اوريا جان مقبول
علي اڪبر راهمون

# قومن جي زندگي ۾ جاري اصل جنگ

ڪجهه سال پهرين کان انگريزي جو هڪڙو لفظ مين اسٽريم Mainstream جو استعمال ڪثرت سان ٿيڻ لڳو آهي. مين جو لفظي ترجمو سڀ کان وڏو،بنيادي يا سڀ کان اهم آهي. ۽ اسٽريم ندي يا دريا کي چوندا آهن_ اهڙيطرح انساني تهذيب ۽ تمدن جي به هڪڙي مين اسٽريم هوندي آهي. جيڪا ڀن طريقن سان پنهنجو رستو ٺاهيندي آهي.

تاريخ ۾ هڪڙو رستو اهو آهي، جيڪو الله تعاليٰ پنهنجن پيغمبرن جي ذريعي دنيا کي ٻڌايو تخليق جي پهرئين ڏينهن کان وٺي ڪري خاتم الانبياء عليه الصلواة والسلام تائين سيني اخلاق، قدر، ريتون رسمون، رهڻي ڪهڻي جي انداز، انساني روين ۽ الله جي سامهون جوابدهي جي تصور سان دنيا کي هڪڙو لائف اسٽائل يعني طرز زندگي عطا ڪيو. اهو طرز زندگي يا الوهي لائف اسٽائيل دراصل پهرئين قسم جي مين اسٽريم آهي. ٻي، مين اسٽريم اها آهي، جيڪا هن الوهي، مين اسٽريم يا لائف اسٽائيل جي ابتڙ ۽ مخالفت ۾ انسان خود ان کي ترتيب ڏيندو آهي. صدين کان انسان پيغمبرن جي مخالفت اهڙي طرح ڪئي، جو ان جي مقابلي ۾ هنن پنهنجي جيئڻ جي انداز کي جنم ڏنو ۽ ان جي سار سنڀال ۽ حفاظت جي لاءِ جنگ به جاري رکيو اچن. جضرت لوط عليہ السلام جي قوم فطرت جي خلاف ( هم جنس پرستي ) کي پنهنجي لائف اسٽائيل جو لازمي جزو بنايو. انهن جي اڪثريت عين جمهوري حق طور ان کي جائز قرار ڏنو. اها ئي انهن جي، مين اسٽريم، يا قومي رخ يا قومي وهڪڙو هو. اهڙي طرح حضرت شعيب عليہ

السلام جي قوم تول ۾ کوٽ کي پنهنجي زندگي گذارڻ جي انداز طور اپنايو. پوري قوم مان چند ماڻهو هئا، جيڪي هن. مين اسٽريم کان الڳ رهيا ۽ حضرت شعيب عليہ السلام جو ساٿ ڏيندا رهيا. نمرود، شداد، فرعون ۽ هر ان ماڻهو جنهن پيغمبر جي مخالفت ڪئي، انهن هميشہ دنيا کي هڪ الڳ ۽ جدا لائف اسٽائيل ڏنو ۽ پوءِ ان جي حفاظت لاءِ سدائين وڙهندا رهيا.

اهو هو ٻيو طريقو دنيا کي طرز زندگي يا جيئڻ جو ڍنگ ڏيڻ جو_ اهي ٻئي طريقا شروع کان وٺي ڪري اڄ ڏينهن تائين هڪ ٻئي جي، ضد ۾ رهيا آهن. پر جديد تهذيب جو ڪمال هيء آهي تہ هن پنهنجي لائف اسٽائيل کي ، مين اسٽريم جو نالو ڏيئي ڪري، پوري دنيا کي هن ڳالهہ تي مجبور ڪيو آهي تہ ٻيا سڀ مذهب هن جديد مين اسٽريم جو حصو بڻجي وڃن. انهن وٽ اها هڪ بين الاقوامي ڏارا آهي، جنهن علائقائي ۽ قومي ڏارائون وهڪرا سڀ ملي وڃن. انهن کي ٿوري فرق سان الڳ هلڻ جي اجازت آهي، پر انهن جو قبلو يا رخ بين الاقوامي ڏارا مين اسٽريم، ڏانهن ئي هئڻ گهرجي.

ٻي صورت ۾ اسان کي انهن جو رخ طاقت ۽ زور سان موڙڻو پوندو. رخ موڙڻ لاءِ اهڙي طاقت جو مظاهرو بار بار ڪيو ويندو رهيو آهي، يارهين سيپٽمبر جي واقعي کان پوءِ دنيا پر ۾ ٻن طاقتن پنهنجن ليڊرن جي زباني هن جنگ جو اعلان پڙ ڪري ڇڏيو آهي. امريڪا ۽ برطانيا، جارج بش ۽ ٽوني بليئر_ انهن ٻنهي ساڳي ڳالهہ ورجائي آهي تہ اسين پنهنجي لائف اسٽائيل جي جنگ وڙهي رهيا آهيون. هن مين اسٽريم جي مقابلي ۾ ڪير ٻہ افغانستان يا عراق ۾ اسان کي نظر آيو تہ اسين ان کي نيست نابود ڪري ڇڏينداسين ۽ اسان جي ملڪن ۾ جيڪڏهن اهڙا ماڻهو پيدا ٿيا تہ اسين سيڪورٽي قانون سخت ڪري انهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏينداسين ۽ دنيا جي سڀني ملڪن کي مجبور ڪنداسين، جيئن هو پنهنجي سماج



جي سمورن طبقن کي هن مين اسٽريم ۽ بين الاقوامي ڏارا جو حصو بنائين. -

هن بين الاقوامي ڏاري ۽ لائف اسٽائل کي دراصل ٻہ بنيادي ادارا اڄوڪي دور ۾ جنم ڏيندا آهن. هڪ ميڊيا ۽ ٻيو تعليمي نظام_ اهڙي طرح ميڊيا مڪمل طور انهن جي مٺ ۾ آهي، انڪري هو هر ملڪ ۾ ان جي مخصوص آزادي جي حفاظت خود ڪرائيندا آهن. پر دنيا جي هر ان ملڪ ۾ جتي هن لائف اسٽائيل جا مخالف هڪ واضع اڪثريت ۾ موجود آهن. اتي انهن جا تعليمي ماهر اچي لهندا آهن، سندن تعليمي ادارا شهر شهر بستي بستي، کلي ويندا آهن، مختلف فنڊن ۽ وظيفن جا ڍير لڳي ويندا آهن، جئين ماڻهو سندن يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪن ۽ موٽي اچي پنهنجن ملڪن ۾ سندن لائف اسٽائيل جا وڪيل بنجن. نرسري نظمن کان وٺي ڪري اي ليول جي ڪتابن، ايسٽائين جو ملڪ جي علائقائي نصابن ۾ ٻہ اهڙو ماحول ٺاهيو ويندو آهي، جيڪو هن مين اسٽريم لائف اسٽائيل سان مطابقت رکندو هجي.

انساني تاريخ ۾ هن انداز زيست جي مقابلي ۾ هميشہ کان ئي هڪڙو ٻيو جيئڻ جو ڍنگ رهيو آهي، جنهن کي الاهي هدايت يافتہ زندگي جو طريقو چئبو آهي. پر گذريل ٽن سؤ سالن کان هلندڙ تعليمي نظام ۾ هڪ سؤ سال کان وٺي ڪري، معاشي ۽ فوجي برتري هڪ نئون رستو ڪڍيو آهي تہ هن الاهي نظام جي پيرو ڪارن کي ٻہ ڪنهن نموني سان مين اسٽريم ۾ آندو وڃي. پنجاهہ جي ڏهائي ۾ رينڊ ڪارپوريشين هڪڙي رپورٽ مرتب ڪئي هئي، تہ جيڪڏهن پوري دنيا جي مسلمان جماعتن، تنظيمن ۽ پارٽين کي مين اسٽريم سياست يعنيي اليڪشن ۽ جمهوريت جي پٽڙي تي آندو وڃي تہ منجهن جديد مغربي لائف اسٽائيل جي مخالفت دم ٽوڙي ويندي. پوءِ جيڪڏهن هو اختلاف رکندا ٻہ تہ هن سسٽم جي اندر رهي ڪري رکندا، جنهن تي قابو پائڻ آسان آهي. ان وقت کان وٺي ڪري اڄ تائين پوري دنيا جي مسلمان ملڪن ۾ ڏسو تہ اسلامي سياسي پارٽيون

هار پئيان هار کائيندڙيون رهيون آهن. جيڪڏهن ڪٿي اتفاق سان جيتيون به آهن تہ الجزائر ۽ مصر وانگر انهن کي طاقت سان اقتدار کان محروم رکيو ويو آهي.

هڪڙي هيءَ به حقيقت آهي تہ مغربي دنيا کي اصل خطرو ان تعليمي نظام کان آهي، جيڪو مدرسن جي صورت ۾ اڄ تائين الاهي انداز زيست جي روح کي جيئرو رکيو اچي ۽ ان زندگي گذارڻ جي ڍنگ جي سار سنڀال ڪندو اچي. جيڪو رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو ڏهن سؤ سال پهرين عطا فرمايو هو. هونئن تہ عام ماڻهن کي هن ڳالهہ جو عادي بنائي ڇڏيو ويو آهي، تہ اوهين پنهنجن ٻارن کي مين اسٽريم تعليم يعني ايم اي_ ايم بي اي_ ميڊيڪل، انجنيئرنگ وغيره پڙهايو. جيئين اوهان جا ٻار دنيا ۾ ڪامياب ۽ خوشحال زندگي گذارين. پر جيڪڏهن اوهان جي دل چاهي تہ پل، ناظره قرآن مجيد ٻارن کي پڙهائي، پنهنجي مذهبي تربيت جي ذميداري کان آجا ٿي وڃو. هونئن بہ اڪثر ماڻهن وٽ مين اسٽريم تعليم دنياوي ڪاميابي واسطي لازمي سمجهيل آهي. ۽ آخرت جي ڪاميابي واسطي ٿوري معمولي اضافي تعليم ڪافي آهي، ياد رکو! هيءَ اهو ئي طرز زندگي آهي، جيڪو مغرب وارن عيسائيت کي رياست مان ڪڍي ڪري، سيڪيولر اخلاقيات نافذ ڪري حاصل ڪيو هو. جڏهن تہ اسان جن بزرگن جو زندگي گذارڻ جو ڍنگ هيءَ هو تہ اصل تعليم آخرت جي فلاح واسطي آهي ۽ ان سان گڏ دنيا جي ڪاميابي لاءِ بہ علم پڙهڻ گهرجي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ستن صدين تائين مسلمانن ۾ دنياوي علمن جي سربراهي ڪرڻ وارا عالم اڪابر پيدا ٿيندا رهيا. جن جي طرز زندگي الله تعاليٰ جي ٺاهيل اصولن مطابق هئي. بو علي سينا کان وٺي ڪري، ابن الهيشم ۽ جابر بن حيان تائين جيڪي سڀ فزڪس، ڪيمسٽري، ۽ ميڊسين جي حوالي سان ئي سڃاتا وڃن ٿا. اهي پنهنجي ذاتي زندگي جي جيئڻ جي ڍنگ ۾ بلڪل سچا ۽ کرا مسلمان هئا. ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ تعليم ۾ پهرين ترجيح اها تعليم هئي، جيڪا الله تعاليٰ جي قرب ۽ آخرت ۾ سرخروئي جو باعث بڻجي_ پر گذريل چار سؤ سالن کان مسلمان دنيا تي مغربي قومن جي قبضي هڪ اهڙي لائف اسٽائيل کي جنم ڏنو آهي، جنهن



۾ انساني زندگي جي مين اسٽريم دنياوي تعليم بنجي ويئي آهي. ۽ ديني تعليم کي چرچ وانگر مدرسن تائين محدود ڪري ڇڏيو ويو آهي. يورپ ۾ هيءَ تجربو ڪامياب ويو تہ پادري بپتسما ڏيڻ، شاديون ڪرائڻ ۽ ڪفن دفن جون رسمون ادا ڪرائڻ تائين محدود ٿي ويو.

هتي بہ جيستائين انگريزن جو اقتدار رهيو. مولوي کي محدود رکيو ويو. تنهن هوندي بہ انگريزن خلاف سموريون بغاوتون هن مدرسي جي مولوي ڪيون. ڦاسيون، جيلون ڪاري پاڻي جون سزاؤن مولوين ڪاٽيون. اڄ هو پنهنجي سخت جان هئڻ جي ناتي پوري مغربي تهذيب لاءِ هڪ پيرو پيهر خطرو ٿي اڀريو آهي. ان ڪري پوري دنيا جي ميڊيا جو رخ ۽ زور ان کي بدنام ڪرڻ تي آهي، جنهن لاءِ هڪ عجيب غريب نعرو لڳايو ويندو آهي، تہ مولوين ۽ مذهب پسند ماڻهن کي مين اسٽريم ۾ آندو وڃي، ڪين قومي، علاقائي ۽ بين الاقوامي ڌارين جو حصو بنايو وڃي. انهن سمورن مذهبي تعليم ڏيندڙ مدرسن کي جديد تعليمي نصاب پنهنجن مدرسن ۾ ديني تعليم سان گڏ پڙهائڻ تي مجبور ڪيو وڃي، ان مقصد جي لاءِ اصطلاح هيءَ استعمال ٿيندي آهي تہ انهن کي مين اسٽريم ۾ آندو وڃي يعني انساني زندگي جو معراج هيءَ آهي تہ ترقي ۽ ڪاميابي کي محض دنيا جي ڪاميابي ۽ ترقي مڃيو وڃي. ۽ آخرت جي ڪاميابي کي هڪ اضافي ڪاميابي سمجهي، رڳو ٿوري معمولي تعليم ڏني وڃي. اهڙي طرح هن سموري ديني تعليم ڏيندڙ مدرسن جو رخ ازخود مين اسٽريم ڏانهن مڙي ويندو. جيڪي ماڻهو مدرسن جي شاگردن کي جديد تعليم ڏيارڻ چاهين ٿا، جيئين هو دنيا ۾ ڪاميابيون حاصل ڪن، اهي ساڳيا ماڻهو عام اسڪولن ۾ مذهبي تعليم جو نالو ٻڌڻ بہ پسند ڪونہ ٿا ڪن. ڇا او ليول، اي ليول ميٽرڪ جي شاگرد کي آخرت جي ڪاميابي ۽ ان واسطي علم ۽ عمل جي ضرورت ناهي.؟ هو پاڻ پنهنجي قومي ڌاري يا مين اسٽريم ادارن ۾ ديني تعليم ۽ تربيت کي اضافي حيثيت ڏيڻ لاءِ بہ تيار ناهن. ۽ مدرسن کي

مين اسٽريم ۾ آڻڻ جو عزم رکن ٿا. اصل ۾ اها ترقي تهذيب ۽ دهشت گردي جي وچ ۾ جنگ ناهي، پر اصل ۾ اها جنگ لائف اسٽائيل جي آهي، هيءَ قومي، بين الاقوامي يا علائقائي ڏارا ناهي، پر هيءَ هڪ طرز زندگي آهي، هي سرا سر خساري جو سودو آهي. ها، دنيا ۾ ڪاميابي ۽ آخرت ۾ خساري جو سودو_



عاشق مغيري

# عالم اسلام

## برما ۾ مسلمانن جي نسل ڪشي..!

### اهم جائزو

هن وقت سماجي رابطن واري ويب سائيٽ، ٽي وي چينلن ۽ اخبارن ۾ بحث جو سڀ کان وڏو موضوع برما جي روهنگيا مسلمانن سان اتان جي حڪومت ۽ ٻڌ پڪشن طرفان ٿيندڙ لڳ غير انساني تشدد جا واقعا آهن جيڪي انساني ضمير کي جهنجهوڙيون هٽي جاڳائن ٿا. اڄ سوشل ميڊيا تي روهنگيا مسلمانن سان درندگيءَ جا پيش ايندڙ جيڪي منظر ڏسڻ ۾ اچن ٿا انهن انسانيت ۽ مهذب پٽي جو ڪنڌ شرم کان هيٺ جهڪائي ڇڏيو آهي.

عام مشاهدو اهو آهي تہ ڪنهن بہ واقعي کي سڀ کان پهريون ٽي وي چينل رپورٽ ڪندا آهن ان کان پوءِ اخبارن ۾ خبرون ۽ تجزيا شايع ٿيندا آهن ۽ آخر ۾ سوشل ميڊيا تي ان موضوع جو تذڪرو ۽ تبصرو ٿيندو آهي پر روهنگيا پناهگيرن واري معاملي تي ميڊيا جو رويو ۽ رخ ابتو نظر اچي رهيو آهي. يعني سڀ کان اول سوشل ميڊيا ان اشو کي کنيو آهي ۽ ان کان پوءِ ٽي وي چينلن ان مسئلي کي فوڪس ڪيو آهي باقي سنڌي ۽ اردو اخبارن سنگل ڪالمي خبر بہ وڏي انتظار کان پوءِ فليش ڪئي آهي. جنهن کان پوءِ اهو سوال اڀري سامهون آيو آهي تہ برما ۾ روهنگيا مسلمانن جي لڏپلاڻ ۽ نسل ڪشيءَ واري اهم اشوءَ تي عالمي ميڊيا ريورس گيئر ڇو هنئي آهي؟ اصل ۾ عالمي ميڊيا جيڪا تيليءَ مان ٿنڀ يا نوڙيءَ مان نانگ ٺاهڻ جي حوالي سان وڏي حرفت رکي ٿي اها ميڊيا هن مسئلي تي ڏاڍي سست ۽ ڍري نظر اچي رهي آهي ۽ ميڊيا جا ناميارا اينڪر پرسن فقط ۽

فقط روهنگيا مسلمانن جو شجرو معلوم ڪرڻ لاءِ اهو سواليا نشان ڇڏي رهيا آهن تہ روهنگيا اصل نسل، نسبت ۽ شجري يا قوميت جي حوالي سان ڪير آهي؟ ۽ ڪي تہ ڏوريءَ واري چشمي پنيان گهوريندڙ دانشور روهنگين کي عرب پناهگير ڪوٺي رهيا آهن جيڪا سريحن غلط ڳالهہ آهي، روهنگيا مسلمان عرب نہ پر نسلي طور تي بنگالي آهن ۽ انهن جي آبادي برما کان وٺي اولهہ بنگال، ملائيشيا، ناگاليند، مني پور، ميانمر، آسام، رنگون، امفال ۽ ڪراچيءَ تائين پکڙيل آهي. ان کان علاوه روهنگيا مسلمانن جي آباديءَ جو ٻيو وڏو حصو بنگلاديش، ملائيشيا، چين ۽ هندوستان جي پناهگير ڪيمپن يا سمنڊن ۾ پٽڪندي زندگي گذاري ٿو 1.50 ملين روهنگيا مسلمانن کي ميانمر ۾ قوميت ۽ شهريت جي حق کان محروم ڪيو ويو آهي. 75 سالن کا وٺي ٻڏمت جا پڪشو روهنگيا مسلمانن کي مليڇ سمجهي ملڪ بدر ڪندا رهيا آهن. ان سڄي عرصي ۾ روهنگيا ٿائيليند، آسٽريليا، ملائيشيا، چين، انڊونيشيا، هندوستان، نيپال ۽ پاڪستان ڏانهن هجرت ڪندا رهيا آهن. سياهہ فام هجڻ ڪري انهن سان برمي ٻڌ پڪشو مٽيپيد وارو ايذائيندڙ رويو اختيار ڪري رهيا آهن. هزارن جي انگ ۾ روهنگيا مسلمان سمنڊن جي بي انت بحر ۽ طغياني ۾ زندگيون اجل حوالي ڪري چڪا آهن ليڪن ترڪيءَ جي صدر رجب طيب اردگان کان علاوه ٻئي ڪنهن بہ ملڪ جي قيادت انهن بي يارو مددگار ۽ زندگي جي خيرات گهرندڙ توڙي رحم جون اپيلون ڪندڙ روهنگيا پناهگيرن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. تازو هڪ قانون جي نفاذ ذريعي برمي حڪومت روهنگيا مسلمانن کي قوميت جو درجو ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو آهي نتيجي طور اهي مظلوميت جي علامت بڻيل روهنگيا مسلمان دنيا جي ڏيڍ ارب مسلمان آبادي ۽ 57 مسلم رياستن ڏانهن واهر لاءِ واجهائي رهيا آهن.



جيڪڏهن انڊونيشيا جي اڳوڻي صوبي اوڀر تيمور کي 2009ع ۾ فقط ان ڪري آزادي ڏني وئي ڇو تہ اتي وسندڙ عيسائين جي اڪثريت مسلمانن سان گڏ رهڻ نہ ٿئي چاهيو پر ساڳئي تناظر ۾ برما جي روهنگيا مسلمانن جي اڪثريت جي حق خود_ ارادیت کي تسليم ڇو نہ ٿو ڪيو وڃي؟ ڇا مهذب دنيا ۽ انساني حقن جي علمبردارن کي خوراڪ کان محروم، گهر کان بي گهر، ڌرتيءَ تان بيدخل، قوميت جي حق کان وانجهيل ۽ پنهنجي حق خود- ارادیت لاءِ ساحلن تي پٽڪندڙ روهنگيا مسلمانن جي حالت زار نظر ڪانہ ٿي اچي؟ اڄ امن جي نوبل انعام يافتا آنگ سانگ سوچيءَ جي برما ديش مان بدامنيءَ جي بدبوءِ اچي رهي آهي ۽ ان بدامنيءَ جو بک روهنگيا مسلمانن بڻجي رهيا آهن. ڪاري چمڙيءَ وارن روهنگين جو اسلام طرف غير معمولي لاڙو ۽ رغبت آهي، انهن ۾ صنفي برابريءَ جا اسلامي اصول ڪار فرما آهن ۽ روهنگيا مسلمان اسلامي عقيدي مطابق زندگي گذارڻ چاهن ٿا. خاص طور تي 1980ع واري ڏهاڪي ۾ روهنگيا مسلمان هجرت ڪري ڪراچيءَ ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڪراچيءَ اندر اراڪان ۽ برمي ڪالونيون آباد ٿيون. ائين اڄ روهنگيا مسلمان ڪراچيءَ ۾ ٽيڪسٽائيل، فشريز، قالين سازي ۽ سرڪاري ملازمتن کان وٺي سرمائيداري، دڪانداري توڙي هر ننڍي وڏي ڪاروبار تي ڇانيل آهن ڪين CNIC ۽ Work Permit بہ حاصل آهي. ڪراچي اندر ڪيترائي روهنگيا سرمائيدار فشنگ لانچن جا مالڪ بہ آهن پر حيرت ان ڳالهہ تي آهي تہ انهن ئي روهنگيا مسلمانن کي پنهنجي اصل وطن برما ۾ هڪ جهوپڙي ٺاهڻ جي بہ اجازت نہ آهي. سال 2002ع ۾ جڏهن جنرل پرويز مشرف مقاني چونڊون ڪرايون هيون تہ ڪراچيءَ ۾ روهنگين ۽ بنگالين گڏ جي چونڊون وڙهيون هيون. اهڙيءَ ريت سال 2013ع وارين عام چونڊن ۾ روهنگين پاڪستان مسلم الائينس ۽ مسلم ليگ شير بنگال جي نالي سان خوب نموني حصو ورتو هو. پاڪستان جي رجسٽريشن اداري نادرا جي

انگن اکرن موجب هينئر ڪراچيءَ ۾ روهنگيا مسلمانن جي آبادي 6 لکن ڪان بہ تجاوز ڪري چڪي آهي پر پنهنجي وطن ۾ اهي قوميت ۽ شهريت جي حق کان محروم آهن. ان سڄي ماجرا جي نتيجي ۾ برما جي جمهوريت فالج زده بڻجي وئي آهي ۽ برما جي جمهوريت جي راڻي آنگ سانگ سوچي ڪنهن اونهي اسرار ۾ گم آهي شايد؟ روهنگيا مسلمان برما ۾ ٻڌمت جي ظلمن کان تنگ اچي 1990ع واري ڏهاڪي ۾ بنگلاديش ٽپي هندوستان جي رستي سان پاڪستان ايندا هئا پر هاڻي حسينہ واجد جي حڪومت طرفان سرحدي سختيون وڌايون ويون آهن ۽ سرحدي خلاف ورزي ڪرڻ وارن کي بنگلاديشي حڪومت طرفان گولي هڻڻ جو آرڊر جاري ڪيو ويو آهي جنهن جي نتيجي ۾ روهنگيا مسلمانن جي هندوستان پاڪستان ڏانهن نقل مڪانيءَ جو سلسلو رڪجي ويو آهي. جيڪڏهن طائرانا نظر سان جائزو ونجي ٿو تہ برما هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن سان رڳو بنگلاديش ۽ چين جون سرحدون ملن ٿيون باقي هر طرف سمنڊ ئي سمنڊ آهي. چين سان ملندڙ برما جي سرحدي علائقي ۾ روهنگيا مسلمان ستين صديءَ عيسويءَ کان وٺي آباد آهن. برما جي آخري آدمشماري 2014ع ۾ ٿي هئي ان آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب برما جي ڪل آبادي 6 ڪروڙ 12 لک آهي جنهن 82 سيڪڙو ٻڌمت جا مڃيندڙ آهن باقي مسلمان ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو شامل آهن. ميانمر جي باري ۾ هڪ ڳالهہ مشهور آهي تہ اتي شهريت جو حق صرف ٻڌمت وارن کي حاصل آهي. اتان جو قانون ئي نسلي بنيادن تي جوڙيو ويو آهي. روهنگيا مسلمانن کي اتي شهريت جو حق ان ڪري نہ ٿو ڏنو وڃي جو انهن جو رنگ ڪارو آهي. ان ڪري ٻڌ آبادي نسلي بنيادن تي مسلمانن کي ناپسند ڪري ٿي. هي معاملو هڪ ڊگهي عرصي کان هلندڙ آهي، هڪ ڊگهي عرصي کان الڳ رياست جي طور تي انهن جو وجود تسليم ٿيل هو ليڪن برطانيہ جي نوآبادياتي دور ۾ روهنگيا مسلمانن جي اصل وطن اراڪان کي برما



جي صوبي جي حيثيت ڏني وئي. موجوده صورتحال ۾ ٻڌ جيڪي پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ امن پسند ظاهر ڪندا آهن انهن روهنگيا آباديءَ واري علائقي اراڪان جو گهيرو ڪري اتي انهن حراستي ڪئمپئون (Concentration Camps) قائم ڪيون آهن ۽ اتي ٻڌ ڀڪشو ڪنهن بہ قسم جي امداد پهچڻ نہ ٿا ڏين ۽ روهنگيا مردن، عورتن ۽ ٻارڙن جي قتل عام جو سلسلو بدستور جاري رکيون پيا اچن جنهن شروعات قانوني مسودو پاس ڪيو ويو هو جنهن اڳتي هلي انارڪي ۽ انتشار کي جنم ڏنو چڙواڳيءَ تي مشتمل ان برمي قانون کي پاس ڪرائڻ پنيان مغرب جي سيڪيولر جمهوري قوتن جو هٿ هو. نتيجي طور ٻڌ آبادي ان فريڊم آف اسپيچ جو غلط فائدو حاصل ڪندي اسلام خلاف زهر اوڳاڇڻ شروع ڪيو جنهن سان مذهبن وچ ۾ ٽڪرائن ۽ تضاددن جنم ورتو. ان کان اڳ ۾ 1982ع ۾ ناهيل (Ill will) ڪارو قانون روهنگيا مسلمانن لاءِ وڌيڪ نقصانڪار ثابت ٿيو آهي جنهن قانون تحت برما ايستائين جو ان ڪاري قانون مطابق بالغ روهنگيا مرد توڙي عورتون شاديءَ توڙي ازدواجي زندگي گذارڻ جي حق کان بہ محروم آهن. بهر حال ان ڪاري قانون جي نفاذ کان پوءِ 33 سالن ۾ هڪ پورو نسل وڏي ويجهي، پلجي وڌو ۽ جوان ٿيو آهي ليڪن اهي سمورا ماڻهو جيڪي 1982ع کان پوءِ برما ۾ ڄاوا ۽ وڏا ٿيا آهن سي برما جي حڪومت جي دعويٰ موجب برما جا شهري نہ آهن. برمي حڪمران چون ٿا تہ روهنگيا مسلمان (State _ Less) آهن ۽ انهن وٽ ڪا سڃاڻپ يا ڪا پاس پورٽ ڪونهي، نہ اهي پاڻ سان ٿيندڙ ظلمن خلاف برما، ميانمر يا رنگون جي پوليس اسٽيشن وڃي ايف آءِ آر داخل ڪرائي سگهن ٿا نہ ئي وري ڪورٽن ۾ ڪيس دائر ڪرڻ جي ڪين اجازت آهي. اها آهي برما جي مثالي جمهوريت.....! اڄ جڏهن برما ۾ روهنگيا مسلمانن کي (Nationality) جي حق کان محروم ڪيو ويو آهي تہ انهن پناهگير بڻجي مختلف ملڪن ڏانهن هجرت ڪرڻ شروع ڪئي آهي پر

ڪو بہ ملڪ کي ترسائڻ لاءِ تيار ناهي، بنگلاديش سرحدن تي چوڪسي وڌائي ڇڏي آهي. ٿائيلينڊ جي حڪومت طرفان انهن کي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو ويو آهي، ملائيشيا ۾ اڳواٽ ئي انهن کي پناهگير ڪيمپن ۾ رکيو ويو آهي، چين ۾ بہ اهي پناهگير ڪيمپن ۾ رکيو ويو آهي، چين ۾ بہ اهي پناهگير ڪيمپن ۾ موجود آهن باقي بچيل آبادي ساموندي موج بلئ ۾ چڪر ڪاٽي رهي آهي. ان سڄي صورتحال ۾ سوال آهي تہ اقوام متحده پنهنجي چارٽر موجب يورپ جي هزارين پناهگيرن جي آباد ڪاريءَ لاءِ برسلز ۾ تازو يورپي ملڪن جو اجلاس گهرائي اهو اعلان ڪيو آهي تہ يونان ۽ اٽليءَ ۾ پهتل چاليهہ هزار پناهگيرن کي مختلف يورپي ملڪن ۾ آباد ڪيو ويندو. يورپين ڪائونسل ۾ هن وقت 28 ملڪ شامل آهن جن جو ڌار سياسي نظام آهي پر هن وقت اهي يورپين ڪائونسل ۾ شامل ملڪ متحده جي چارٽر تحت مختلف ملڪن کان هجرت ڪري آيل هڪ لک اسي اهزار پناهگيرن کي بحال ڪري رهيا آهن ليڪن ميانمر جي روهنگيا پناهگيرن کي ڪٿي بہ قبول ڪونہ ٿو ڪيو وڃي نہ ئي اقوام متحده ان انساني ماجراتي فڪر مند آهي. هينئر ميانمر جي حڪومت متحده لاءِ ( Blue Eye Girll ) بڻيل آهي. برما جا (Monks) جيڪي روهنگيا مسلمانن جي رتو ڇاڻ ۾ ملوث آهن انهن جي ظلمن کي بانڪي مون روڪي چو نہ ٿو؟ اقوام متحدا جو ادارو جنرل اسيمبلي جنهن تقريباً 200 ملڪ شامل آهن پر انهن کي روهنگيا پناهگيرن سان ٿيندڙ ڏاڍائين تي ڪو ترس نہ ٿو اچي ڇاڪاڻ تہ اهو اشو اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي توڙي سيڪيورٽي ڪائونسل لاءِ ڪمرشل ويليوز نہ ٿو رکي اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل بانڪي مون جي چپن تي لڳل خاموشيءَ جا تالا الائي تہ ڪڏهن ٽٽندا؟ جيڪڏهن واشنگٽن ڊي سي، لنڊن يا پيرس ۾ ڪا ٻلي ڊسٽ بن ۾ مري وڃي ٿي تہ اتان جي انتظاميا ٽرٽلي ۾ پئجي وڃي ٿي ۽ اقوام متحدا جي خيمي ۾ ڳٽتيءَ جي تسو نامي اچي وڃي ٿي پر



هيڏانهن اوپر ۾ روهنگيا مسلمانن جي نسل ڪشيءَ تي انهن کي ڪو نہ ٿو اچي. جنهن مان اقوام عالم جي مسلمانن سان ٻٽي رويي جو دليل ملي ٿو. انساني حقن جي عالمي ڪميشن جيڪا انساني حقن جي مجموعي صورتحال ۽ ڀڃڪڙين بابت ساليانيون رپورٽون جاري ڪرڻ جي حوالي سان مشهوري رکي ٿي اها عالمي ڪميشن بہ روهنگيا مسلمانن سان ٿيندڙ غير انساني سلوڪ ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي پرده پوشي ڪندي رهي آهي. اڄ برما ۾ روهنگيا مسلمانن جو وهندڙ خون انساني حقن جي عالمي ڪميشن جي ڊراڪولا نما خون پياڪ چهري کي بي نقاب ڪري رهيو آهي. 75 سالن کان وٺي برما جي روهنگيا مسلمانن کي امن جي آشا جا تاريخي دعويدار اشوڪ، وڪرماجيت، چندرگپت موريا ۽ گوتم ٻڌ جي نخيءَ واري تعليمات جا پيرو ڪار هر روز هزارن جي تعداد ۾ جلا وطن ڪري رهيا آهن. حامله روهنگيا عورتن جي ڪکين ۾ ڇرا هڻي ٻار ڪڍي ماريا ۽ ساڙيا وڃن ٿا. پوري هڪ انساني آباديءَ کي پنهنجي آشياني مان تڙيو ۽ لڏايو پيو وڃي پر پوءِ بہ خبر ناهي ڇو اهو ظلم گڏيل قومن کي نظر ڪونہ ٿو اچي؟ روهنگيا مسلمانن جو قتل عام او آءِ سي جي نظرن کان ڇو اوجهل بڻيل آهي؟ انسانيت کي شرمائيندڙ ان انحطاط تي ڇو مهذب دنيا اکيون پوري ويني آهي؟ جيئن اوپر تيمور جي اٺ لک عيسائي آباديءَ کي انڊونيشيا کان محض ان ڪري آزادي ڏياري وئي جو اتي عيسائين کي مسلمانن سان گڏجي رهڻ پسند ڪونہ هو. تيئن برما ۾ وسندڙ ساڍا نو لک روهنگيا مسلمانن کي ٻڌمت جي پڪشن جي ظلم کان آجو قرار ڏيڻ ۾ مقتدر قوتن کي ڪهڙيون رڪاوٽون درپيش آهن؟ مان ايئن اينالائيز ڪريان ٿو تہ برما ۾ روهنگيا آباديءَ سان ٻڌن جو شڪايتن سان ڀرپور ورتاءُ انساني حقن جي منشور جي ان ٻهرين شق جي کلي عام ڀڃڪڙي آهي. جنهن موجب قومن کي حق خود-اراديت جي ضمانت ڏني وئي آهي پر انساني حقن واري عالمي ڪميشن پنهنجي ئي ناهيل ان آئين، منشور ۾

قانون کي پٺي ڏئي رهي آهي. يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا جي مشهور عالمي تنظيم ( Human Rights Network ) جيڪا پناهگيرن جي روزگار، خوراڪ، رهائش، غربت توڙي نسلي متڀيد جو جائزو وٺندي آهي ان پنهنجي تازه ترين رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ برما ۾ روهنگيا مسلمان آبادي گھٽي ۽ اڳي فسادي فطرت جي ڪري جمهوري استحڪام لاءِ خطرو آهي. ترقي پسنديءَ جي خفت ۾ مبتلا مغربي تهذيب جنهن کي مسلمان فسادي ۽ دهشتگرد نظر اچن ٿا سان ان حد تائين اسلامو فوبيا ۾ ورتل آهي جو جيڪڏهن گلوب جي ٻنهي پاسن ڏانهن ڏسبو تہ مسلمانن جو قتل عام هلي رهيو آهي پر وري بہ مغرب وارن لاءِ فساد ۽ دهشتگرديءَ جو ڪارڻ مسلمان آهن جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ اڄ دنيا ۾ عالم اسلام جون دشمن قوتون ملت واحده جي شڪل اختيار ڪري رهيون آهن.

برما ۾ روهنگيا مسلمانن جي قتل عام واري اهم اشوءَ پاڪستان ۽ ڀارت ٻنهي ملڪن جي سياسي ۽ عسڪري قيادتن کي ان صورتحال ۾ سنجيده رول ادا ڪرڻ کپندو هو ليڪن هندوستاني ۽ پاڪستاني وزيرن جي ڏي جواب وٺ جواب واري تيز ترين، تند مزاج ۽ تکي بيان بازيءَ جي طوفان ۾ اصل مسئلو رفو چڪر ٿي ويو آهي. رڳو ڪج بحثي ۽ ڌمڪيون، ڌوراپا ۽ چتاءَ شروع ٿي ويا آهن پر روهنگيا مسلمانن جي پنهنجي وطن ۾ بحاليءَ لاءِ ڪابہ ڏر سنجيده ۽ سنسيئر نظر ڪانہ ٿي اچي. ٿيو ائين تہ هندستان جي سڏ سماءَ واري وفاقي وزير راجيہ ورڌن سنگهہ راٺوڙ ميڊيا تي بيان ڏنو تہ ميانمر ۾ هندوستاني فوج جا ٻڌن جي اهم نڪائڻ تي حملا پاڪستان سميت انهن سمورن ملڪن لاءِ پيغام آهن جيڪي سرحد پار دهشتگرديءَ جا منصوبا جوڙن ٿا. بس انهيءَ بيان اچڻ کان پوءِ ٻنهي طرفن کان وزيرن ۽ عسڪري قيادتن جي مخالفانا بيان بازيءَ جو؟ سلسلو شروع ٿي ويو پر بجاءِ ان چيڙائيندڙ بيان بازيءَ جي خطي جي ٻن وڏين قوتن کي پاڻ ۾ هڪ پاڙيسريءَ جي حيثيت سان سوچي سمجهي، غور ويچار ڪري



مٿا ملائي گڏجي روهنگيا مسلمانن جي بحاليءَ لاءِ برما ۾ بندوبست ڪرڻ لاءِ لائحہ عمل تلاش ڪرڻ گهربو هو پر ان اهم اشوءَ جي وقعت ٻنهي ملڪن جي وزيرن جي وائڙن بيانن وڃائي ڇڏي ڪئي آهي. ڀارتي جنتا پارٽيءَ جي چونڊيل وزير اعظم نريندر مودي بنگلاديش جي دوري دوران ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن کي خطاب ڪندي چيو تہ 1971ع ۾ هندوستان جي اها خواهش هئي تہ ڪيئن بہ ڪري هر حال ۾ بنگلاديش ٺهڻ گهرجي. وڌيڪ نريندر مودي چيو تہ بنگلاديش سانحي وقت هندوستان جي فوج مڪتي باهنيءَ سان گڏجي پاڪستان خلاف جنگ وڙهي هئي ۽ ڀارتي افواج بنگالي قوم جي آزاديءَ لاءِ جانين جا نذرانا ڏنا هئا. جيڪڏهن هندوستاني وزيراعظم نريندر موديءَ جي ان بيان کي غور سان ڏسجي ٿو تہ اهو سراسر جرم جو اعتراف آهي جنهن مان ڍاڪا سانحي ۾ هندوستان جي خفيہ مذموم ارادن کي بخوبي ڄاڻي سگهجي ٿو. هندوستان جي انهن مذموم ارادن جي ئي هڪ جهلڪ تازو هندوستان جي وزير دفاع منوهر پريڪار جي شرپسنديءَ تي ٻڌل ان بيان مان پڻ ظاهر آهي جيڪو بيان تازو هن هندوستان ٽائيمز ۾ ڏنو هو تہ اسان 13 لک فوج پاڪستانن سان امن قائم ڪرڻ لاءِ نہ ٿاهي آهي. ان سان گڏوگڏ هندوستاني ٽي وي چينلن تي منوهر پريڪار جو انگريزي ۾ چيل اهو جملو تہ We Will fight terrors with terrorism ٻرنديءَ مٿان تيل هارڻ برابر آهي.

اها ڳالهہ هر باشعور ماڻهو آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو تہ ڀارتي حڪومت، فوج ۽ ڳجها انٽيليجنس ادارا ڪوٽليا چاڻڪيا جي عياري ۽ مڪاريءَ کي بطور حڪمت عمليءَ جي اپنائي رهيا آهن. ان ئي حڪمت عمليءَ جي تڪميل خاطر 1968ع ۾ هندوستان جي خفيہ ايجنسي (Research and Analysis Wing) يعني RAW قائم ڪئي وئي. را جنهن جي پوري نالي مان ائين معلوم ٿئي ٿو جڻ مرعوب ڪندڙ نالي پٺيان ارٿ شاستر واري فريبي تعليم ۽ تربيت پوشيده آهي. چو تہ اڪنڊ ڀارت

هندو ڌرم جي پاٽڪنن جو پراڻو مطالبو رهيو آهي. حقيقت اها آهي تہ هندو پنڊتن جي دوستي دشمنيءَ وڌيڪ خطرناڪ آهي. اڪبر اعظم سان بہ تہ انهن دوستي رکي هئي.....! پوءِ ان دوستيءَ جي دلبي ۾ آڙ ۾ هندو پنڊتن اڪبر بادشاهہ کي بليڪ ميل ڪري آئين اڪبري تشڪيل ڏياريو هو. ليڪن اسلامي دعوت جي ذريعي مجدد احمد سرهندي ۽ شاهہ ولي الله دهلوي کان وٺي شاهہ اسماعيل ۽ سيد احمد شهيد جهڙن عظيم مسلمان عالمن هندن جي اڪنڊ ڀارت واري ڪٽر پٽي کي ڪافي حد تائين ڇيهو ۽ ڪا ڀاري ڌڪ رسايو هو.

اسان هر گز بہ انهي خيال جا ناهيون تہ هندوستان سان هڪ سٺي پاڙيسريءَ وارا پر امن ۽ خوشگوار واسطا بحال نہ ٿين. واسطا بحال ٿيڻ ڪپن پر اسان کي سمجهڻ کپي تہ اسان Being a muslim هڪ هزار سالن تائين انهن سان گڏ رهيا آهيون. لهاذا اسان کي هندو پنڊتن جي ذهنيت جو علم هجڻ کپي، مسلمانن کي سمجهڻ کپي تہ هندوستان اڄ بہ 300 ق_م واري برهمڻ جنگجو ڪوتليا چانڪيا جي جنگي حرفتن ۽ خوني فلسفي تي مبني ڪتاب ارٿ شاستر تي عمل پيرا آهي جنهن موجب گهات هٽي پاڙيسري ملڪن تي قبضا ڪرڻ، اقليتن ۽ ٻين مذهبن وارن سان اڇوتن وارو ورتاءُ برقرار رکن جائز عمل آهي. بيداريءَ جي قارئين کي معلوم هئڻ گهرجي تہ هندوستاني رياست جو ڳجهو هٿيار را آهي جنهن جي اولين ترجيح مسلم امت ۾ تفرقو، تضاد ۽ انتشار پکيڙڻ آهي سا ڪوتليا چاڻڪيا جي پاڙيسري ملڪن ۾ فتنو ۽ فساد برپا ڪرڻ واري شيطاني حڪمت عمليءَ تي ڪار بند آهي.

اها را ئي هئي جنهن سريلنڪا ۾ تامل اڳواڻ پرپا ڪرن جو قتل تائين تامل، تيلگو ۽ سنهالي قومن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڊانگو ڪيو. مائو باغين کي هشي ڏئي نيپال ۾ شاهہ گياننڌرا جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرائڻ کان وٺي کٽمنڊوءَ ۾ هزارين نيپالين جو قتل عام پڻ را جي ڦهلايل



فتني جو زندهہ مثال آهي. چاڻڪيا جي ان روحاني اولاد را جي گماشتن مالديپ ۾ هزارين ماهيگيرن کي موت جيي ننڊ ۾ سمهاري ظلم جي انتها ڪئي. ان کان علاوه مقضوبہ ڪشمير، تبت، اولهہ بنگال، ناگاليند، آسام، مني پور، برما ۽ ڀوٽان ۾ را ڪيترن ئي معصوم انسانن کي اجل جو لقمو بڻائي چڪي آهي ۽ اڄ ميانمر جي حڪومت ۽ ٻڌ ڀڪشن جي سرڪشيءَ کي وڌائڻ ۽ روهنگيا مسلمانن خلاف شرارت ڪرڻ ۾ بہ را جو ڳجهو هٿ شامل آهي، جنهن گؤشالا جي پاٺ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ امن جي ڪلپنا جي دعويدار ٻڌ ڀڪشن کي مسلمانن جي قتل عام لاءِ اڪسائي الٽو وري انهن جي اهم ٺڪاڻن تي حملي جي دعويٰ پڻ ڪري رهي آهي جنهن جي برمي حڪمرانن فوري طور تي ترديد ڪئي آهي. را جو مقصد آهي سموري خطي ۾ هندو راڄ قائم ڪرڻ.....! اهو ئي سبب آهي جو هندوستان دنيا جو اهو واحد ملڪ آهي جنهن کي هندو را شتريہ چيو ويندو آهي ڇو تہ اتي هندو مت کي بالادستي ۽ فوقيت حاصل آهي. اقليتن کي اڇوت ۽ توهين آميز درجو ڏيڻ، اقليت کي تشدد جو نشانو بنائڻ، ٻين مذهبن وارن جون عبادت گاهون، جائيدادون ۽ ملڪيتون ساڙڻ کا وٺي گوڏرا ٽرين واري ناٽڪ تائين را جي حڪمت عملي ڪارفرما نظر اچي ٿي چاڪاڻ تہ را جي فطرت ۾ دغا، فريب، ڪوڙ دوکي ۽ درندگيءَ جا عنصر وڏي پيماني تي موجود آهن. انهن جي شرير ۾ مذهبي عصبيت ۽ شر انگيزيءَ جا عجيب غريب ٽڪسات ۽ اٽڪلون شامل آهن. سال 2010ع ۾ فرينڪلن روز هڪ ڪتاب ( Kotalias verses ) ۾ لکي ٿو تہ هندوستان جي ڳجهي انٽيلجنس اداري را جي هڪڙي خفيہ دستاويز جا ليڪڊ ٿيل انڪشاف واضع ڪن ٿا تہ هندوستان جي حڪمرانن طرفان را جي زير نگراني هڪ اسپيشل ڪائونٽر انٽيليجنس ونگ قائم ڪئي وئي آهي جنهن کي وڏي پيماني تي پاڪستان جي سالميت کي نقصان پهچائڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي. ممڪن آهي تہ اهو ڪتاب اسان جي ارباب اختيار جي نظر مان بہ گذريو

هجي ليڪن ڀارت کي وڏيڪ چاهيندڙ ۾ (Most Favounte Nation ) قرار ڏيڻ وارن اسان جي حڪمرانن کي شايد فرينڪلن روز جي اها تمهيد سمجهه ۾ نہ آئي آهي. اڄ جڏهن پاڪستان جي حڪمرانن طرفان (Most Favounte Nation) واريون صدائون بلند ٿي رهيون آهن تڏهن پاڪستان ۾ جاري رتو ڇاڻ ۾ دهشتگرديءَ ۾ را جي ملوث هجڻ جا ثبوت ڪليل نمونې سامهون اچي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ بي بي سي اردو سروس طرفان ايم ڪيو ايم جي را طرفان سپورٽ واريون خبرون نشر ٿيڻ ۾ نريندر موديءَ جي بنگلاديش يا ترا کان پوءِ ڀارت جو اصل چهرو دنيا جي اڳيا ننگو ۾ بي نقاب ٿي چڪو آهي. ساڳئي نموني ميانمر ۾ ايرندڙ روهنگيا مسلمانن جي آبادڪاريءَ واري اهم اشوءَ تي را جي اهلڪارن جو سازشي موڊ نظر اچي رهيو آهي. گوتم ٻڌ جا پيرو ڪار جيڪي جيت جڻين ۾ جانورن تي رحم ڪائڻ جي حوالي سان مشهور هئا سي اڄ را جي چرچ تي مسلمانن جو رت پيئڻ لاءِ اڳيرا نظر اچي رهيا آهن. هينئر روهنگيا مسلمانن جا ٻچڙا هيبت ناڪ ساموندبيءَ هوائن ۾ سرديءَ وگهي ڪيولين ماڪوڙين وانگر مري رهيا آهن پر ان سڄي ڪيس ۾ ڪلور تي انساني حقن جا عالمي ادارا چو خاموش تماشبين بڻيل آهن؟ آخر ڪار چو برما جو صدارتي تخت ۾ طائوسس انهن بي گهر ساموندي روهنگين کي شهريت جو حق ڏيڻ کان قاصر آهي جن کي ڌرم، رنگ ۾ نسل جي آڙ ۾ ڪوتليا چاڻڪيا جي چالبازيءَ جي بنيادن تي جلاوطن ڪيو پيو وڃي؟ روهنگيا مسلمان جن جو ست ئي پيڙهيون برما جيبي مٽيءَ ۾ دفن ٿيل آهن انهن کي نيشنلٽيءَ جي حق کان محروم رکڻ ڪٿان جو انصاف آهي؟ اهوئي واحد ڪارڻ آهي جو اڄ جنگي جنون جي خفت ۾ گوتم ٻڌ جي نفيءَ وارو سبق، بانڪيءَ جو مراقبو ۾ يڏشتر جي پيپل جي ٿاري ڪنهن خاص اهميت جي حامل نہ رهي آهي. را جي پيدا ڪيل فتني سبب اڄ ميانمر جا مارڳ رت هٽا نظر اچي رهيا آهن ليڪن هندو جي مقصد جي



حاصلات لاءِ ڪوشان هندو ناڪرن جي انا کي تسڪين ميسر ٿي رهي آهي. ٻڌمت بہ هندو ازم جي هڪڙي شاخ آهي جيڪا اخلاقي قدرن ۾ انساني روين کان اڄ يڪسر عاري نظر اچي رهي آهي. اڄ ٻڌمت جي بنيادي تعليم ۾ تربيت جي ابتڙ ان جا ڪوڪلا بنياد چاڻڪيا هندو پنڊتن کي ارٿ شاستر ۾ لکي ٿو تہ :(1 ) اقتدار جي حصول ۾ ملڪ گيريءَ جي حوس ڪڏهن جهڪي نہ ٿيڻ گهرجي. (2 ) پاڙيسري ملڪن جي زرخيز علائقن تي قبضو ڪيو وڃي جيڪڏهن اهي سرڪشي اختيار ڪن تہ انهن سان فوراً جنگ جوتي وڃي. (3) اقليتن کي ڪچلو وڃي پر جيڪڏهن اهي رياست جو مذهب اختيار ڪن تہ کين جيئندان ڏنو وڃي. (4) ويڙهہ ۾ مخالف ڌر جو وڌ ۾ وڌ نقصان ڪيو وڃي تہ جيئن ان جون وايون ولڙيون ٿي وڃن (5) جنگ جيتڻ لاءِ رت وهايو وڃي ۾ چالاڪي، دوکي، حرفت ۾ مڪاريءَ سان دشمن کي زير ڪيو وڃي. (6) مخالف ڌر مان غدار پيدا ڪري انهن کي خريد ڪيو وڃي. (7) جنگ کي ڊگهي عرصي تائين مسلسل ۾ جاري رکيو وڃي. (8) هڪ منظم ۾ باقاعدي پروپيگنڊا جي مهم هلائي وڃي. (9) جيڪڏهن مخالف ڌر افرادي ۾ عسڪري قوت جي حوالي کان وڏيڪ طاقتور هجي تہ ان کان پڇي پاسو ڪجي يا گوهي ڪائي پنيان کان چوريءَ مٿس حملو ڪجي. (10) مخالف ڌر سان پهريان دوستيءَ جو هٿ وڌائجي پوءِ سندس پير ڪيڄن ۾ ساٿس ڳجهي طرح ويڙهہ ڪجي.

جيڪڏهن توهان چاڻڪيا جي قديم ۾ بوسيده ڪتاب ارٿ شاستر کي ڪٽي پڙهندا تہ توهان کي هندو پنڊتن جي اخلاقي بيهڪ، روايتن، قدرن ۾ ڪردار جو اهو اندازو ٿي ويندو تہ ڪيئن اهي اڄ بہ چاڻڪيا جي صديون پراڻي رياستي دستور ۾ تعليمات سان پوري طرح هم آهنگ آهن. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ 1956ع ۾ پاڪستان آيل پهرين هندوستاني هاءِ ڪمشنر ڊاڪٽر وڄي پرڪاش جنهن کي هندو لوڪ سڀا جو سڀ کان وڏيڪ پڙهيل ڳڙهيل ميمبر تصور ڪيو پئي ويو ان 13 نومبر 1956ع تي

ڪراچيءَ جي ٿياسافيڪل سوسائٽي هال ۾ هڪ زبردست تقرير ڪئي هئي جيڪا تقرير بعد ۾ طلوع اسلام نالي رسالي ۾ هندومت ۽ اخلاقيات جي عنوان سان شايع ٿي هئي. ان تقرير هندوستاني هاءِ ڪمشنر ڊاڪٽر وجي پرڪاش واضع لفظن ۾ چيو هو تہ جيڪو ماڻهو اهو چوي ٿو تہ هندومت ڪنهن مستقل اخلاقيات جو نالو آهي جنهن جي بنيادن تي صحتمند سوسائٽيءَ جي عمارت اڏي سگهجي ٿي تہ شايد اهو ماڻهو احمقن جي دنيا ۾ رهي ٿو يا سراسر غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهي. ڇو تہ هندومت جون سموريون جاتيون ۽ سمورا فرقا توڙي امتون انساني زندگيءَ لاءِ غير متبدل اصولن ۽ اخلاقي قدرن کان عاري آهن. هندو راڄ لڳاتار متضاد حقيقتن جو مجموعو آهي ۽ اهو ٻين مذهبن ۽ اقليتن کي قابل قبول نہ ٿو سمجهي ليڪن ان تي محض پنڊتن جي صداقت واري هڪ هٺيءَ جي دعويٰ آهي. هندومت جيڪا پنهنجي آغوش ۾ هر هڪ فرقي کي جدا گانا تعليم ڏيئي ٿي ان مطابق برهمڻ حڪمرانيءَ جا اهل آهن. ٻڌمت وارا هنسا ۽ نفيءَ جا مستحق آهن. ڪشترين کي قتل غارتگيري ۽ رتو ڇاڻ جو سبق ڏنو وڃي ٿو. ويشن کي ڪاروبار ۽ تجارت ۾ ڪوڙ ۽ دوکي جي تربيت ڏني وڃي ٿي. اشوتن ۽ شودرن کي ڪمذات ۽ نيچ تصور ڪيو وڃي ٿو. ان مان صاف ظاهر آهي تہ هندومت ۾ زندگيءَ گذارڻ جا ڪي بہ مڃيل سمجهاڻيون يا سماجي اصول Absolute ناهن. انتشار، فتني ۽ انارڪيءَ جي ورچڙهيل آهي. بعد ۾ جڏهن ڊاڪٽر وجي پرڪاش جي ان حقيقت بيانيءَ جو جائزو ورتو ويو تہ ڪيس فوري طور تي عهدي تان فارغ ڪيو ويو ۽ ان تقرير جي رد عمل ۾ لال بهادر شاستري 8 جنوري 1965ع تي 21 ڊويزن هندوستاني فوج چور دروازي کان پاڪستان مٿان حملو ڪري ڏنو. دوکي ۽ فريب وسيلي حملي ڪرڻ جو ٻيو وڏو واقعو 15۽ 16 مارچ 1971ع جي وچ واري رات آپريشن سرچ لائيٽ کان پوءِ ليڪن بنگالين کي سرحد پار ڪرائي ڀارت جي اولهہ بنگال ۽ آسام وارين رياستن ۾ آڻي رهائڻ وارو هندستاني



حڪومت جو ابهرو فيصلو هو جنهن فيصلي تحت بنگلاديش جي جلاوطن عبوري حڪومت جو قيام عمل ۾ آندو ويو. بنگلاديشي حڪومت جي 8 رڪني ڪابينا جوڙي وئي. نذر الاسلام کي بنگلاديش جو صدر ۽ تاج الدين کي وزير اعظم بڻايو ويو ۽ اهڙي طرح بنگلاديش جي ان جلاوطن عبوري حڪومت جو پوسٽل ڏس پتو بہ ڪلڪتي جو هو. موجوده صورتحال ۾ جڏهن برما ۾ روهنگيا مسلمانن جي مسئلي ڪر کنيو تہ هندوستان جي وزير اعظم، وزير دفاع، پرڏيهي وزير ۽ سڌ سماءَ واري وزير جا بيان اچڻ شروع ٿي ويا ۽ ان جارحاڻي بيان بازي ٻن پاڙيسريءَ ملڪن جي نازڪ لاڳاپن کي ڇڪتاڻ جي هڪ اهڙي موڙ تي آڻي بيهاريو آهي جتي برما جي روهنگيا مسلمانن جي حق خود- اراديت وارو ٻرندڙ مسئلو في الحال ڊيڍ لاک ۾ هليو ويو آهي. هن اهم مسئلي تي توجهہ مرڪوز ڪرڻ بدران بيان بازيءَ وسيلي اصل اشوءَ تان ڌيان هٽايو پيو وڃي. اچانڪ هندوستاني وزير اعظم نريندر مودي سال جي سڀ کان وڏي ڏينهن 21 جون 2015ع تي يوگا جو عالمي ڏهاڙو ملهائي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هندومت امن، ثقافت ۽ تهذيب جو هندورو آهي ليڪن يوگا جي ڪثرت کي عالمي پذيرائي ڏيڻ واري ايونٽ پنيان هندوستاني سرڪار جي اها پاليسي پوشيده هئي تہ ڪٿي روهنگيا مسلمانن جو اڀرندڙ اشو هندومت جي مسلم اقليتن سان ٿيندڙ زيادتين ۽ نا انصافين جو پاندو ڦاڙي نہ وجهي ۽ ڀارت عالمي دنيا ۾ اڪيلو نہ رهجي وڃي ان ڪري هندوستاني وزير اعظم نريندر مودي پاڻ ڏانهن اقوام عالم کي متوجهہ ڪرڻ لاءِ پهريان ڍاڪا سانحي وارو گنل پينل موضوع ڇيڙي دنيا جو ڌيان روهنگيا مسلمانن سان ٿيندڙ نا انصافين ۽ ناجائزين تان هٽايو ۽ بعد ۾ هن يوگا جو پتو ڪيڏيو جنهن هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب ٿيو ۽ اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل بانڪي مون بہ يوگا جي رنگا رنگ تقريبن ۾ شامل ٿيو. اها آهي ڪوتليا چاڻڪيا جي حرفت ۽ عياري جنهن سان روهنگيا

مسلمانن جي بحاليءَ جو اهم موضوع ميڊيا تان غائب ٿيندي نظر اچي رهيو آهي. باوجود سوين فرقن ۽ جاتين جي هندن جي ذهنيت جو پيرائتي نموني جائزو ونبو تہ هندو بنيادي طور تي هندماتا جي پوڄا ڪن ٿا ۽ جي هندماتا وارو نعرو بہ اهي Godess mother واري قديمي تصور مطابق هڻندا آهن. پوءِ پلي هندو ٻڌمت سان واڳيل هجن يا جين ڌرم سان سلهاڙيل هجن، اهي برهمڻائيزيشن سان وابسطا هجن يا شو ۽ شڪتيءَ جا پيروڪار هجن، اگنيءَ جا پرستار پروهت هجن يا وشنوءَ جي اوتار ۾ اعتماد ۽ عقيدو رکندا هجن، برهما کي ديوتا سمجهندا هجن يا منڊيءَ ڪٽيل ۽ هاٿيءَ جي منڊي پيوند ٿيل گرو بال گڻيش جي عبادت ڪندا هجن مطلب تہ سڀني جي اجتماعي ذهنيت هڪڙي ئي آهي مشهور جرمن فلا سافر هيگل پنهنجي ڪتاب ( History and philesophia ) ۾ لکيو آهي تہ دنيا ۾ ٻي ڪا بہ قوم ايتري ڪٽر ۽ انتها پسند ناهي جيتري هندو قوم آهي. حقيقت ۾ هندو مذهبي ۽ نسلي متڀيد جي ڪٽرپڻي جو شڪار آهن ۽ هندو Earth ) reoted ) قوم آهن. اهي هندوستان جي سر زمين تي محض هندن جو حق ۽ مالڪي تسليم ڪن ٿا ۽ اتي موجود ٻين قومن ۽ مذهبن جي ماڻهن سان اڻبڻت رکن ٿا. هندوستان جي سفرنامي ۾ البيروني لکي ٿو تہ هندن لاءِ هندوستان کان سواءِ ٻي ساري دنيا ناپاڪ ۽ پليد آهي گويا هندن کان سواءِ ٻين مذهبن وارا ماڻهو مليڇ آهن. ڊاڪٽر پونا وگنا راجہ پنهنجي ڪتاب ( Long live Hindustan ) ۾ لکيو آهي تہ ڀارت ديوتائن جو ديش آهي اتي فقط هندو ئي رهي سگهن ٿا. اها ئي سوچ آهي جنهن جي ڏِي تي تاريخ ۾ بي شمار اقليتون مڪار هندو ذهنيت جي دجالي هٿڪنڊن جو تاب نہ سهندي صفحہِ هستيءَ تان مٽجي اڪنڊ ڀارت ۾ دفن ٿي چڪيون آهن. جيڪڏهن هندو ذهنيت جي تاريخ جو گهرو مطالعو ڪجي ٿو تہ هندو هر سطع تي مسلمانن خلاف سازشن جا فائر اسڪواڊ ترتيب ڏيندا رهيا آهن. پنهنجي هڪ پيغام ۾ چيو هو تہ آرين کي گهرجي تہ هندوستان ۾ هڪ بہ



مسلمان زنده نہ هجي. پونا جي ساڌو سنت ڪانفرنس ۾ پنڊت انيي پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو هو تہ مان هندو ساڌن ۽ سنتن کي درخواست ڪريان ٿو تہ اهي بحيثيت مجموعي هندوستان کي ٻيهر متحد ۽ منظم ڪن. ڊاڪٽر مونجي جيڪو مسلمانن جو سخت دشمن هو تنهن جو چوڻ هو تہ. جيڪڏهن هندوستان ٽٽي ويندو تہ ڌرم ختم ٿي ويندو. پرڀو ماور ڪر پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو هو تہ ٻڌمت هندوستان جي پرامن سچاڻپ ۽ سلامتيءَ جو دليل آهي ۽ مسلمان پر تشدد آهن. هندو مها سڀا جي صدر گرو شنڪر اچاريہ هندو نيوز اخبار جي ايڊيٽوريل پيج تي لکيو هو تہ آءٌ اهو لکيل نموني اعلان ڪريان ٿو تہ هندوستان فقط هندن جو ملڪ آهي ۽ مسلمان هتي مهمان طور ترسيل آهن. قيام پاڪستان کان ڪجهہ مهينا پهرين 1946ع جي ڊسمبر واري مهيني ۾ پروفيسر بلراج مڌوڪ جو هڪڙو ضخيم ڪتاب (Hindustan on the cross road) شايع ٿيو هو تہ جنهن ۾ بلراج مڌوڪ لکي ٿو تہ هندوستان جي سموري آباديءَ کي ان حد تائين ڪنٽرول ڪيو وڃي جو اهي غير هندوستاني لباس پهرڻ کان بہ گريز ڪن. ڊاڪٽر پونيڪر جي خيال موجب هندوستان عالي ظرف ماڻهن جو ديش آهي اتي مليڇ قومن کي رهڻ جو ڪوبہ حق ناهي. ائين مشهور هندوستاني سک دانشور خشونت سنگهہ جو موقف آهي تہ اکنڊ ڀارت مذهبن جو دولت مشترڪا آهي. نٿو رام گڊسي جنهن ڪرم چند گانڌيءَ کي قتل ڪيو هو. ان کي جڏهن گرفتار ڪري، ڪيس هلائي سزا ٻڌائي وئي تہ هندوستاني ڪورٽ جي جج نٿو رام گڊ سي کان زندگيءَ جي آخري خواهش پڇي تہ ان وقت نٿو رام گڊ سي وصيت ڪندي ان خواهش جو اظهار ڪيو هو تہ ڦاسي اچڻ کان پوءِ مون کي جلايو وڃي ۽ منهنجي سڙيل جسم جي رک گڏ ڪري گنگا ۾ لوڙهي ڇڏڻ بدران اها رک ان وقت تائين سنڀالي رکي وڃي جيستائين هندوستان ٻيهر متحد ٿي وڃي جڏهن هندوستان ٻيهر هڪ ٿي وڃي تہ منهنجي جسم جي سڙيل رک سنڌو درياهہ

۾ لوڙهي ڇڏ جو تہ جيئن اها پنهنجي وجود جي هڪ وچڙيل ۽ الڳ ٽيل حصي کي حاصل ڪري سگهي.

مشهور ڪتاب ( Freedom at Midnight ) ۾ نٿو رام گڏ سي جي ان وصيت نامي بابت لکيل آهي تہ نٿو رام گڏ سي جي سڙيل شرير جي رک سندس ڀاءُ گوپالداس گڏ سي اڄ تائين سنڀالي رکي آهي ۽ پونا ۾ گوپالداس گڏ سي پنهنجي گهر جي ديوارن تي متحدا هندوستان جو نقشو ٽاهي ڇڏيو آهي. انهن سمورن ( References ) ڏيڻ جو مطلب اهو هو تہ 68 سالن جي عرصي ۾ هندو ڪٽر پڻي واري فطرت تبديل نہ ٿي آهي هندو موسٽ فيورٽ قوم نہ پر موسٽ ڊينجريس قوم آهن جيڪي خطي اندر پنهنجي ڪائونٽر انٽيليجنشيا وسيلي فتنو فساد ۽ خون ريزي برپا ڪري رهيا آهن ۽ اهو ساڳيو هندوستاني دشمنيءَ وارو رويو برما جون سرحدون بہ ٽپي چڪو آهي. جتي روهنگيا مسلمانن جي هڪ الڳ رياست ( اراڪان ) هئي جنهن کي ختم ڪري برما ۾ ضم ڪيو ويو. تاج برطانيا جي دؤر ۾ رنگون مسلمان حريت پسندن لاءِ گوانٽا نامو بي بڻيل هئي ۽ ميانمر ڄڻ تہ روهنگين لاءِ ابو غريب جيل؟ هئي. مسلمانن جي آخري بادشاھ بهادر شاھ ظفر کي رنگون ۾ قيد ڪيو ويو هو ۽ ان جي ٻن پٽن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪري ٿالھ ۾ وجهي کيس تحفي طور ڏنا ويا هئا.

اڄ برما ديش مان بيدخل ٿيل روهنگيامسلمانن کي ( Persecute ) ڪيو وڃي ٿو ۽ ثابت شده حقيقت آهي تہ يو اين او (UNO) هن معاملي ۾ ٻٽي معيار جو شڪار بڻجي چڪي آهي ان ڪري مسلمانن جي (Organization strength ) واري اهم ايجنڊا يو اين او (UNO) جي فائيلڊ ۾ تاحال زير التوا بڻيل آهي ڇاڪاڻ تہ روهنگيا جيڪڏهن آرگنائيزيشنل (طاقت) حاصل ڪري وٺن ٿا تہ ايسٽ تيمور ۽ سائوٿ سوڊان وانگر الڳ رياست حاصل ڪري سگهن ٿا ليڪن ان ۾ هندوستان ۽ اسرائيل رڪاوٽون حائل ڪري رهيا آهن تہ جيڪڏهن اوپر تيمور ۽



مغربي سوڊان وانگر اراڪان کي بہ الڳ ملڪ تسليم ڪيو وڃي ٿو تہ پوءِ مقبوضہ ڪشمير ۾ هندوستاني فوج ۽ غزه ۾ سيهوني پرماريت جو بہ اقوام متحده کي نوٽيس وٺڻو پوندو ليڪن اقوام متحده اهو رول ادا ڪرڻ کان قاصر آهي.

# جديد انسان چوواٽي تي

اهڙيءَ طرح اسلام ۾ عبادت جو تصور ٻين سڀني مذهبن کان مختلف آهي اسلام ۾ عبادت ڪو روحاني تجربو يا ذهني ورزش نہ آهي. پر اها سڄي زندگيءَ تي ڇانيل آهي. اسلام ۾ زندگيءَ جو مقصد ئي خدا جي عبادت آهي، ان ڪري مسلمان جي پوري زندگي هڪ اخلاقي ذميواري تصور ڪئي ويندي آهي. هڪ مسلمان جو فرض آهي تہ سندس سمورا عمل، پوءِ اهي ڪيڏا بہ معمولي ڇو نہ نظر اچن، خدا جي ڪائناتي منصوبي جو حصو تصور ڪندي عبادت سمجهي ڪيا وڃن. انسان جو هر عمل خدا جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ سرانجام ڏيڻ گهرجي. اهو ممڪن نہ آهي تہ زندگيءَ کي مادي ۽ روحاني خانن ۾ ورهايو وڃي. اسان کي ڪپي تہ زندگيءَ کي هڪ وحدت سمجهون.

ان سان گڏ اسلام نہ رڳو خدا ۽ بندن جي تعلق جي وضاحت ٿو ڪري پر انسان ۽ سندس سماجي ماحول جي تعلق کي بہ واضع ڪري ٿو. دنيا جي زندگيءَ کي اسلام ڪو واهمو يا آخرت جو بي مقصد پاڇولو نہ ٿو سمجهي پر ان کي هڪ با مقصد حقيقت تصور ڪري ٿو.

خدا جي عبادت جو اهو وسيع تصور انساني زندگيءَ جو مقصود آهي. ان تصور مطابق انسان لاءِ هن دنيا ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ ممڪن آهي. ان مقصد لاءِ اسلام نہ تہ جسماني خواهشن کي فنا ڪرڻ ٿو سيکاري جيئن عيسائيت ۾ آهي، نہ هندو ڌرم وانگر آواگون ( ٻئي جنم ) جو چڪر ٿو هلائي، نہ وري ٻڌ ڌرم وانگر انساني شخصيت ۽ سماجي تعلقن کي ختم ڪرڻ لاءِ زور ٿو ڀري. ان جي برعڪس اسلام چوي ٿو تہ انسان دنيا مان



جائز فائدا حاصل ڪندي، ڀرپور زندگي گذاريندي ڪمال تي پهچي سگهي ٿو.

پر اهو ڪمال ڪو اهڙو ڪمال نہ آهي جيڪو لا محدود هجي، اهڙو لامحدود ڪمال تہ الله تعاليٰ کي ئي سونهين ٿو انساني ڪمال مان مراد اها نہ آهي تہ انسان اهڙيون خوبيون ۽ صلاحيتون حاصل ڪري، جيڪي تصور ۾ ممڪن هجن. پر مطلب هي آهي تہ انسان ۾ اڳ موجود خوبين ۽ صلاحيتن کي اوج تي پهچايو وڃي، هاڻي جيئن تہ زندگي وسيع ممڪنات جي حامل آهي ان ڪري هر شخص جو ڪمال ٻئي شخص کان مختلف هوندو. اهو سندس خوبين ۽ صلاحيتن مطابق ئي ٿي سگهي ٿو جيڪي فطرت سندس طبعيت ۾ رکيون آهن. ان ڪري ڪمال کي ڪنهن هڪ ماڊل ۾ محدود ڪري نہ ٿو سگهجي، جيئن عيسائيت ان کي تارڪ دنيا راهبن ۾ محدود سمجهيو ان طرح انسانن کي پنهنجي صلاحيتن کي دٻائي رکڻو پوندو يا انهن تان هٿ ڪٽڻو پوندو. اهو فطرت جي خلاف ٿيندو ڇو تہ الله تعاليٰ مختلف انسانن ۾ مختلف خوبيون ۽ صلاحيتون رکيون آهن. اسلام صلاحيتن کي دٻائڻ جي خلاف آهي. اسلام هر شخص کي سندس شخصي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ عمل جا وسيع موقعا مهيا ٿو ڪري تہ جيئن هرڪو پنهنجي ذهني لاڙي، طبعيت ۽ صلاحيتن مطابق ترقي ڪري ڪمال حاصل ڪري سگهي.

اسلام انسانن کي اجازت ٿو ڏئي تہ اهي چاهين تہ زاهدن واري زندگي گذارين يا جائز حدن اندر پنهنجون خواهشون پوريون ڪن، البتہ هر شخص لاءِ ضروري آهي تہ هو اخلاص سان خدا جي قانونن جي پيروي ڪري، ان سان گڏ اهو بہ ضروري آهي تہ هر شخص پنهنجي صلاحيتن کان ڪم وٺي ٻين انسانن جي خدمت ڪري، انهن کي مادي، سماجي ۽ روحاني ميدانن ۾ فيض پهچائي. ان کان پوءِ هر شخص کي آزادي آهي تہ پنهنجي لاءِ دنيا ۾ موجود لامحدود ميدانن مان جيڪو وڻيس اختيار ڪري، اسلام ان آزاديءَ

جو بنياد انهيءَ اصول تي رکيو آهي تہ انسان فطري طور برو نہ آهي. ان جي پيٽ ۾ عيسائيت انسان کي پيدائشي طور گهنگار تصور ڪري ٿي. هندو ڌرم چوي ٿو تہ هر انسان شروع ۾ نيچ ۽ پليت آهي ۽ ڪيس گهڻن جنمن مان گذري نجات حاصل ڪرڻي آهي. اسلام جو چوڻ آهي تہ هر ٻار پيدائش وقت پاڪ ۽ معصوم آهي، ان سان گڏ هر انسان دنيا ۾ پنهنجي فطري تقاضائن کي ترڪ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي صلاحيتن کي ترقي ڏيئي ڪمال حاصل سگهي ٿو.

اسلام انسان جي فطري تقاضائن کي جائز طريقن سان پوري ڪرڻ تي ڪا پابندي نہ ٿو لڳائي، ساڳئي وقت روحاني ترقيءَ جا دروازا بہ کليل رکي ٿو اها شئي عيسائي عقيدي کان ڪيترو نہ مختلف آهي. عيسائي عقيدي موجب آدم ۽ حوا عليها السلام جي ڪيل ڏوهہ سبب سموري بني نوع انسان خطاڪار بنجي چڪي آهي ۽ هاڻي مسيح عليه السلام جي صليب تي ڏنل قربانيءَ تي ايمان آڻڻ کانسواءِ سندس نجات ممڪن نہ آهي. عيسائيت فطري خواهشن پوري ڪرڻ کي شيطاني فعل سمجهي ٿي ۽ روحاني ترقي لاءِ انهن کي ختم ڪرڻ ضروري تصور ڪري ٿي. اهي عقيدا اهڙا تہ مبهم ۽ منجهائيندڙ آهن جو ڪو بہ سليم العقل شخص نہ انهن کي سمجهي سگهي ٿو نہ تسليم ڪري سگهي ٿو. عيسائيت ۾ انسان فطري خواهشون پوريون ڪرڻ چاهي تہ روحاني ترقي ناممڪن ۽ روحاني ترقي ڪرڻ گهري تہ فطري تقاضائون ترڪ ڪرڻ ضروري آهي. ان ڪشمڪش ۾ انسان جي ضمير تي وڏو بار چيو وڃي ۽ انسان جي زندگي هڪ عذاب بنجيو وڃي. اسلام اهڙي ڪنهن قديم گناهہ کي خدا جي انصاف جي خلاف ٿو سمجهي. اسلام پيءُ جي ڪرتوتن لاءِ پٽ کي ذميوار نہ ٿو سمجهي، تہ قديم مورث اعليٰ جي نافرمانيءَ جي ڪري سموري نوع انسانيءَ کي ڏوهي ڇا لاءِ قرار ڏيندو؟



ان سان گڏ عيسائيت جو ٽن خدائن وارو عقيدو بہ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙو نہ آهي، نہ تسليم ڪرڻ لائق. اسلام ۾ هر شخص پنهنجي عملن لاءِ پاڻ جوابدار آهي، روحاني ڪاميابي يا ناڪامي هر شخص جي پنهنجي عملن تي منحصر آهي. قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو.

لها ما ڪسبت وعليها ما اڪتسبت ( البقرة )

هر شخص کي اهو ملندو جيڪو ڪمايو هوندائين ۽ مٿس ان گناهہ جو بار وڌو ويندو جيڪو ڪيو هوندائين.

ٻيءَ جاءِ تي فرمايو ويو: ليس للانسان الا ما سعيٰ انسان کي اهو ئي ملندو جنهن لاءِ ڪوشش ڪئي هوندائين .

اسلام عيسائيت وانگر دنيا جي زندگيءَ کي نفرت سان نہ ٿو ڏسي، ساڳئي وقت ان کي اها اهميت بہ نہ ٿو ڏي جيڪا تهذيب ڪيس ڏئي ٿي.

اسلام جي نگاهہ ۾ دنيا جي زندگي خدائي منصوبي جو لازمي حصو آهي، ان سان نفرت ڪرڻي نہ آهي. ان جي زبردست اهميت آهي، پر اهو بہ نہ وسارجي تہ اها رڳو هڪ وسيلو آهي. مغرب وارن جي نگاهہ ۾ دنيا جي زندگي ئي سڀ ڪجهہ آهي، جڏهن تہ عيسائيت جي نگاهہ ۾ ان جي ڪا بہ اهميت نہ آهي. اسلام جو رستو انهن جي وچ تي آهي. قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو: ربنا آتنا في الدنيا حسنة وفي الاخره حسنة، اي اسان جا پالڻهار! اسان کي هن دنيا ۾ بہ ڀلائي ڏي ۽ آخرت ۾ بہ ڀلائي نصيب فرماءِ. ( البقرة_ آيت_ 201 )

ان ڪري اسلام ۾ دنيا مان مڪمل فائدو حاصل ڪرڻ روحانيت جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ نہ آهي. مادي فائدو حاصل ڪرڻ اسلام ۾ جائز آهي، پر ان کي مقصد زندگي بنائڻو نہ آهي. اسلام چاهي ٿو تہ دنيا ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جن سان انسانيت اخلاقي طور ترقي ڪري سگهي. اسلام اسان کي هر عمل ۾ اخلاقي ذميواريءَ جو درس ڏئي ٿو.

اسلام ۾ عيسائيت جي ان اصول جي گنجائش نہ آهي تہ بادشاهہ کي سندس حصو ڏيو ۽ خدا کي سندس حصو ڇو تہ اسلام ۾ اخلاقيات ۽ سماجي ضرورتن ۾ تضاد نہ آهي. اسلام جي تعليم اها آهي تہ هر حالت ۾ حق ۽ انصاف کي سامهون رکيو وڃي. حق ۽ ناحق جي وچ تي ڪو درمياني رستو نہ آهي. اسلام هر حالت ۾ اهڙي عمل تي زور ڏئي ٿو جنهن جو بنياد حق ۽ انصاف تي ٻڌل هجي، ۽ جيڪو اخلاقي ترقيءَ جو ضامن هجي.

هر انسان اسلام جي نگاهہ ۾ شخصي طور پنهنجي چؤ طرف موجود حالتن ۾ حق جي حمايت ۽ نا حق جي خاتمي لاءِ ذميوار آهي. مسلمان جو اهو فرض سندس پوري زندگي ۽ هر قسم جي حالتن ۾ لاڳو رهي ٿو. قرآن مجيد فرمائي ٿو.

كنتم خير امة اخرجت للناس تامرون بالمعروف وتنهون عن المنكر وتؤمنون بالله.

اوهان بهترين امت آهيو جيڪا نوع انسانيءَ لاءِ قائم ڪئي ويئي آهي. اوهان ڀلائيءَ جو حڪم ڏيو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا. ( سورة آل عمران_ آيت 110 )

اسلام جي شروعاتي دؤر ۾ اهو ئي مقصد هو جنهن سبب مسلمانن ٻين ملڪن کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ رڪاوٽ جي حالت ۾ جهاد ڪري، اهي ملڪ فتح ڪيا. انهن جنگين جو مقصد نہ تہ هوس زر هو نہ خود قود غرضي، اهو مقصد نہ هو تہ ٻين ملڪن جي دولت حاصل ڪري مسلمانن لا عيش ۽ راحت جو بندوبست ڪيو وڃي، نہ انهن جو مقصد ڪافرن کي زبردستيءَ مسلمان ڪرڻو هو. جهاد جو مقصد اڳ بہ ۽ هاڻي بہ اهو آهي تہ دنيا ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن، جن جي ذريعي بني نوع انسان اخلاق جي اعلي درجي تي پهچي سگهي. اسلام جي نظر ۾ اخلاقي تعليم، انسان تي اخلاقي ذميواري عائد ڪري ٿي.



اسلامي افلاطون جي ان نظريي جي حمايت نہ ٿو ڪري تہ حق ۽ ناحق کي معلوم ڪرڻ ئي ڪافي آهي اسلام تہ ان ڳالهہ تي اصرار ٿو ڪري تہ حق کي معلوم ڪرڻ ئي ڪافي نہ آهي، پر ان کي قائم ڪرڻ ۽ ناحق کي مٽائڻ ضروري آهي. اسلام جو نظريو اهو آهي تہ حق کي انساني ڪوشش سان ئي قائم ڪري سگهجي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ زمين ظلم ۽ فساد سان ڀرجي ويندي.

مغربي تهذيب جو روح

گذريل باب ۾ ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ اسلام جي اخلاقي بنيادن جو ڪجهہ خاڪو پيش ڪيو وڃي. اسلامي تهذيب جو بنياد مذهب تي رکيل آهي، جڏهن تہ مغربي تهذيب جو بنياد عملي مفاد ( practical utility ) تي رکيل آهي. مغربي تهذيب زندگيءَ جي صلاحيتن کي معلوم ڪرڻ ۽ ان بابت نوان تجربا ڪرڻ کي پنهنجو مقصد بنايو آهي، سواءِ ڪنهن اخلاقي پابندي قبول ڪرڻ جي. جديد يورپي يا آمريڪيءَ لاءِ زندگيءَ جو مطلب يا مقصد ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي. ان سوال جي انهن وٽ عملي طور تي ڪا ضرورت ئي نہ آهي. ضرورت آهي تہ ان سوال جي زندگي ڪهڙيون شڪليون اختيار ڪري سگهي ٿي ۽ نوع انساني فطري طاقتن کي مسخر ڪرڻ طرف وڌي رهي آهي يا نہ؟ ان آخري سوال ۾ اسلام بہ موجوده سائنسدانن سان متفق آهي. قرآن مجيد ۾ حضرت آدم ع بابت الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

انى جاعل في الارض خليفة ( البقره )

آئون زمين ۾ خليفو مقرر ڪرڻ وارو آهيان.

ان جو مطلب آهي تہ انسان لاءِ زمين ۾ ترقي ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ مقرر ڪيو ويو آهي. پر انساني ترقيءَ بابت اسلام ۽ مغرب جي نقطہ نگاهہ ۾ فرق آهي. موجوده مغرب بني نوع انسان جي بتدريج روحاني بهتريءَ جي امڪان ۾ يقين رکي ٿي. ان جو خيال آهي تہ انسانيت سائنسي فڪر ۽

عملي ڪاميابين وسيلي مجموعي طور تي روحاني ترقي ڪري سگھندي. اسلام ان مادي نقطہ نظر جو حامي نہ آهي. اسلام ان ڳالھ کي تسليم ٿو ڪري تہ انساني فطرت ۾ روحاني ترقيءَ جا امڪان رکيا ويا آهن، پر اسلام ان ڳالھ ۾ يقين نہ ٿو رکي تہ انساني فطرت درجي بدرجي ڪنهن وڻ وانگر ترقي ڪندي رهي ٿي ڇو تہ انساني روح ڪا بايولاجيڪل قسم جي شيءِ نہ آهي. موجوده مغربي فڪر جو اهو خيال تہ مادي علم ۽ آسائشن ۾ اضافو انسان جي اخلاقي ۽ روحاني حالت ۾ بهتري آڻيندو، غلط آهي، ساڳيءَ طرح مغرب وارن جو روحاني معاملن کي مادي معاملن وانگر سمجهڻ ۽ مادي قاعدا انهن سان لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بہ غلط آهي. ان جو سبب هي آهي تہ موجوده مغرب روح جي وجود کان انڪاري آهي. اسلام روح کي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي هڪ حقيقت تسليم ڪري ٿو.

مادي ۽ روحاني ترقي، جيتوڻيڪ هڪ ٻئي جون مخالف تہ هرگز نہ آهن، پر اهي هڪ شيءِ بہ نہ آهن اهي ٻيئي انسان زندگيءَ جي مختلف پهلوئن سان واسطو رکن ٿيون، انهن ٻنهي ترقين جو هڪ ٻئي تي دارو مدار ضرور نہ آهي. مادي ۽ روحاني ميدانن ۾ گڏوگڏ ترقي ٿي سگهي ٿي. پر اهو بہ هروڀرو ضروري نہ آهي.

اسلام انسان جي اجتماعي مادي ترقيءَ کي نہ رڳو ممڪن سمجهي ٿو پر ان جي حمايت بہ ڪري ٿو. ساڳئي وقت اسلام بني نوع انسان جي اجتماعي روحاني ترقيءَ کي ممڪن نہ ٿو سمجهي، روحاني ترقي هر فرد جي ذاتي ڪوشش ۽ ڪاوشن تي مدار رکي ٿو سمجهي، روحاني ترقي هر فرد جي ذاتي ڪوشش ۽ ڪاوشن تي مدار رکي ٿي ۽ ان جو عملي ميدان بہ هر شخص جي پيدائش ۽ موت جي وچ واري عرصي تائين محدود آهي. انسانيت بحيثيت مجموعي روحاني ۽ اخلاقي ترقيءَ ڏانهن وڌندي رهي، اهو ممڪن نہ آهي. هر شخص کي روحاني ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سرجدوجهد ڪرڻي آهي، ٻين جي ڪوشش سان ڪنهن فرد کي ان



معاملي ۾ ڪجھ هڙ حاصل ٿي نہ ٿي سگهي. ان معاملي ۾ البتہ سوسائٽيءَ جو فرض آهي تہ فرد لاءِ روحاني ترقيءَ جي راھ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪڙي نہ ڪري پر هر طرح سندس همت افزائي ڪري. ان ڪري اسلامي شريعت انسان جي مادي ۽ روحاني حالتن سان هڪ جهڙو واسطو رکندي، انسان جي شخصي ۽ سماجي زندگيءَ کي هڪ جهڙي اهميت ڏئي ٿي.

ان تصور جي پٺيان روح جي وجود جو عقيدو ضروري آهي، ان سان گڏ آخرت تي يقين بہ ضروري آهي، پر اڄ ڪلھ جو مغربي انسان نہ تہ روح جي وجود جو قائل آهي، نہ تہ ان وٽ دنيوي زندگيءَ جو ڪو مقصد آهي (سواءِ عيش وعشرت جي ) ان لاءِ آخرت ۽ حساب ڪتاب جو تصور بي معني لفظ وڃي رهيا آهن.

مذهبي رجحان ان يقين تي قائم هوندو آهي تہ ڪائنات ۾ هڪ اخلاقي قانون جاري آهي، جنهن جي پابندي انسانن لاءِ ضروري آهي، پر موجوده مغربي تهذيب اقتصادي سماجي يا قومي ضرورتن هيٺ ٺاهيل قانونن کان سواءِ ڪنهن ٻئي قاعدي يا قانون کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. انهن جو معبود عيش ۽ آرام آهي ان جي فلاسفي آهي طاقت ۽ قوت ۽ ان وسيلي ٻين کي زير ڪري پنهنجو مفاد حاصل ڪرڻ. اهي ٻئي شيون انهن کي رومن تهذيب کان ورثي ۾ مليون آهن.

رومن تهذيب جي اسلامي تهذيب سان ڀيٽ ڪرڻ بي سود آهي. اسلامي تهذيب جو بنياد قرآن مجيد جي تعليم ۽ حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت پاڪ جي مثال تي ٻڌل آهي، جڏهن تہ رومن تهذيب اهڙي ڪنهن روحاني عنصر تي ٻڌل نہ هئي، ان ڪري اها جلد نابود ٿي ويئي. انهن ٻنهي تهذيبن ۾ هڪ ٻيو بہ وڏو فرق آهي. اسلامي ملڪن ۾ ڪنهن قوم کي فوقيت حاصل نہ هئي ۽ سموري قوت انهن اصولن جي پڪيڙڻ ۾ صرف ڪئي ٿي ويئي جن کي مسلمان سچو مذهب ۽ حق سمجهندا هئا، جڏهن تہ رومن حڪومت ۾ طاقت ان مقصد لاءِ استعمال

ڪئي ٿي ويئي تہ ٻين قومن کي ڦري لٽي رومن قوم لاءِ مال ۽ آسائشون مهيا ڪيون وڃن. پنهنجيءَ قوم لاءِ مادي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين قومن سان هر قسم جو ظلم ۽ جبر رومن قوم لاءِ جائز هوندو هو. انهن جي نگاهہ ۾ لفظ انصاف جو مطلب رومن قوم لاءِ انصاف هوندو هو. ظاهر آهي تہ اهو رويو ان صورت ۾ ممڪن آهي جڏهن زندگي ۽ تهذيب جي باري ۾ خالص ماده پرستانہ نقط نظر هجي ۽ ان ۾ روحانيت جو ڪو تصور ئي نہ هجي. رومن قوم حقيقت ۾ ڪنهن مذهب کان واقف نہ هئي، ڪي مبهم قسم جا بت پرستانہ عقيدا ڪين يونانين کان ورثي ۾ مليا هئا. جن کي سماج ۾ خاموشيءَ سان مڃيو ويندو هو. انهن وٽ پروهت، پادري برهمڻ بہ هئا جن جي معرفت بتن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي پر زندگيءَ جي معاملن ۾ مذهب، پادرين يا بتن جو ڪو بہ عمل دخل نہ هو. پنهنجي دنيوي معاملن ۾ رومي بلڪل آزاد هئا.

ان تهذيب مان موجوده دور جي مغربي تهذيب جنم ورتو آهي. پوءِ ڪجهہ ٻيا اثر بہ موجوده مغربي تهذيب ۾ شامل ٿيا پر زندگيءَ بابت سندس رويو ۽ اخلاقيات جو اصول رومن تهذيب کان ورتا ويا آهن، جيئن رومن تهذيب جا اصول مفاد پرستيءَ ۽ مذهب دشمنيءَ تي مبني هئا، بلڪل ساڳيءَ طرح اڄ ڪلهہ جي مغربي تهذيب جا بنياد بہ انهن اصولن تي قائم آهن.

مذهب ۽ روحانيت جي خلاف ڪو ثبوت نہ هئڻ جي باوجود بہ اڄوڪي مغربي دنيا، انهن کي قابل عمل نہ ٿي سمجهي ڇو تہ اها انهن جي ڪنهن عملي افاديت جي قائل نہ آهي. مغربي دنيا هرو ڀرو خدا کان انڪاري نہ آهي پر سندس فڪر ۾ خدا لاءِ ڪا جڳهہ نہ آهي، نہ ان جو ڪو فائدو ڪيس نظر اچي ٿو. مغربي دنيا انسان جي ان ڪوتاهيءَ مان ڀرپور فائدو حاصل ڪيو آهي تہ انسان زندگيءَ جي همہ گيريءَ کي مڪمل طور سمجهڻ کان قاصر آهي. مغربي عالم رڳو ان شيءِ کي عملي اهميت ڏين ٿا



جن جو ڪو علمي فائدو ڪين سماج ۾ نظر اچي يا جن کي مادي سائنس سان ثابت ڪري سگهجي. هاڻي جيئن تہ سطحي نظر واري کي خدا جي وجود جو انهن ٻنهي ڳالهين سان واسطو محسوس نہ ٿو ٿئي، ان ڪري مغربي دنيا خدا جي وجود کي عملي طور دنيا لاءِ بي سود سمجهي ٿي، پر ان سموري معاملي کي عيسائي فڪر سان هم آهنگ ڪيئن سمجهيو وڃي؟ ڇا عيسائيت جيڪا مغربي تهذيب جو سرچشمو آهي، خدا ۽ روحانيت جي عقيدن کي نہ ٿي مڃي؟ جواب آهي تہ برابر مڃي ٿي، پر اڄ ڪلهہ جي مغربي دنيا عيسائيت سان واسطو ڪٽي ٿي رکي، ان جي فڪر ۽ سوچ جو حقيقي سرچشمو تہ قديم رومن تهذيب آهي جن وٽ مداد پرستي ۽ لذت پرستي کانسواءِ ٻيو ڪو مذهب ڪو نہ هو، انهن وٽ نہ روحانيت جو ڪو وجود تسليم ڪيو ويندو هو نہ اهي خدا جي هستي جا قائل هئا.

مغربي فلاسفيءَ جو خلاصو هنن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو:

جيئن تہ اسين انساني زندگيءَ جي شروعات بابت سائنسي تجربن ۽ حساب وسيلي ڪجهہ معلوم ڪري نہ ٿا سگهون ۽ ساڳيءَ طرح موت کان بعد واري حالت بہ معلوم ڪري نہ ٿا سگهون، ان ڪري اسان کي کپي تہ دنيا جي زندگيءَ مان گهڻي ۾ گهڻو فائدو حاصل ڪريون، ان جي ترقيءَ لاءِ سموري طاقت وقف ڪريون، سواءِ اخلاقي ۽ روحاني قانون جي پابنديءَ جي، جن کي سائنسي طور ثابت ڪرڻ ممڪن نہ آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اها مغربي فلاسفي عيسائيت، اسلام يا ڪنهن بہ مذهب وٽ قابل قبول نہ آهي، ڇو تہ اها اصل ۾ مذهب جي خلاف آهي. ان ڪري مغرب جي عملي ڪارنامن کي عيسائيت جو نتيجو سمجهڻ جهالت آهي. مغربي دنيا جي مضبوط سائنسي ۽ مادي ترقيءَ ۾ عيسائيت جو عمل تمام ٿورڙو آهي. حقيقت ۾ اها ترقي يورپ جي عيسائي چرچ ۽ زندگيءَ بابت ان جي نقطہ نظر خلاف ڏٺي ڪشمڪش جي نتيجي طور وجود ۾ آئي.

ڪيترين صديون يورپ جو روح عيسائي مذهب جي فطرت جي خلاف نفرت هيٺ دٻيل رهيو. بائبل جو سبق اهو هو تہ زندگي هڪ مصيبت آهي، جنهن کي جيئن تيئن نياهڻو آهي. دنيا کا نفرت، جنس کي ناپاڪ سمجهڻ، ظلم کي خاموشيءَ سان سهڻ، آدم ۽ حوا جي گناهہ ڪري سموري بني نوع انسان جو لعنتي ٿي وڃڻ، ان جي نجات لاءِ عيسيٰ عليہ السلام جي صليبي موت تي ايمان آڻڻ، جهڙا عقيدا دنيوي زندگيءَ کي وبال سمجهڻ جو درس ڏين ٿا. ظاهر آهي تہ اهڙا عقيدا انسان کي دنيا ۾ پنهنجي حالت کي سڌارڻ يا دنيوي علم ۽ ترقيءَ ۾ مددگار ٿي نہ ٿا سگهن. ان سبب ڪري هڪ ڊگهي عرصي تائين يورپ انساني زندگيءَ بابت ان گمراہ ڪندڙ نظريي جي اثر هيٺ دٻيل رهيو.

موجوده دور کان اڳ جڏهن چرچ يورپ ۾ هڪ با اختيار ادارو هئي يورپ هر لحاظ کان ڪمزور ۽ سائنسي ريسرچ کان دور هو. ان دؤر ۾ يورپ جو پنهنجي پيش رو يعني رومن ۽ يوناني تهذيبن جي فلاسفين سان بہ رشتو ختم ٿي چڪو هو. وقت بوقت يورپ ۾ علم ۽ فڪر جي چنگاري چمڪي، پر هر دفعي چرچ ان کي وسائي ڇڏيو. تاريخ ان تلخ ڪشمڪش سان پري پيئي آهي، جيڪا چرچ ۽ قرون وسطيٰ جي يورپي مفڪرن ۽ عالمن جي وچ ۾ جاري رهي.

پوءِ عربن جي ڪيترين صدين تائين يورپ ۾ پکڙايل فڪر جي روشنيءَ ۾ آخرڪار يورپ ذهني طور چرچ جي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪئي. اهو يورپ جو نئين روشنيءَ جو دور هيو. قرون وسطيٰ ۾ يورپ جي ترقي ختم ٿي چڪي هئي، سائنس بہ معطل هئي، توهمات جو راڄ هو سماجي زندگي نہ هئڻ برابر هئي. پوءِ ڪجهہ صليبي جنگين جي نتيجي ۾، ڪجهہ اسپين ۾ قائم مسلم يونيورسٽين جي اثر هيٺ ۽ آخر ۾ جنيوا ۽ وينس جي اسلامي دنيا سان تجارتي تعلقات جي ڪري، اسلامي تهذيب جا اثر يورپ جي گهٽيل تهذيب تي اثر انداز ٿيڻ لڳا. يورپ جي مفڪرن ۽



دانشورن اسلامي تهذيب جي زندگي پرور روشنيءَ کي ڏٺو تہ سندن اکيون کريون ٿي ويون، ان تهذيب ۾ ڪلچر جا خزانا پريل هئا. عربن نہ رڳو قديم يوناني تهذيب جا سهڻا عنصر زنده ڪيا، پر انهن سائنس ريسرچ ۽ فلاسفيءَ کي نئين رنگ ۾ يورپ جي آڏو پيش ڪيو. اسان کي ائين چوڻ ۾ ذري جيترو بہ شڪ نہ آهي تہ اڄوڪي سائنسي دؤر جي شروعات، عيسائي يورپ جي شهرن ۾ نہ پر اسلامي دنيا جي علمي مرڪزن جهڙوڪ دمشق، بغداد، قاهره ڪارڊووا، سمرقند ۽ نيشاپور ۾ ٿي. اتان پوءِ اها روشني مختلف وسيلن ذريعي مغربي دنيا تائين پهتي.

انهن علمي انڪشافن جو يورپ تي زبردست اثر پيو. اسلامي تهذيب يورپ جي فضائن تي نئين علمي روشني وڌي، جنهن جي نتيجي ۾ يورپ ۾ زندگيءَ جي تازي لهر ڊوڙڻ لڳي. ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي تہ يورپي تواريخدان ان سموري واقعي کي نئين زندگي يا نئين جنم جو نالو ڏين ٿا، حقيقت ۾ اهو يورپ جو نئون جنم ٿي هو.

اسلامي ڪلچر مان ڦٽي وهندڙ زندگي بخش وهڪرن يورپ جي علمي دماغن کي همت ڏياري تہ اهي عيسائي چرچ جي مخالفت ۾ اٿي ڪڙا ٿين. شروعات ۾ ان ويڙهہ اهو رخ اختيار ڪيو تہ عيسائي عقيدن ۾ سڌارا آڻي، کين زندگيءَ جي نين حقيقتن سان مطابقت ڏياري وڃي. اها تحريڪ صحيح رخ تي شروع ڪئي ويئي ۽ جيڪڏهن ڪامياب ٿئي ها تہ ان جي نتيجي ۾ يورپ ۾ مذهب ۽ سائنس جي وچ ۾ ڪو ٽڪراءُ ٿي وڃي ها، پر چرچ ان دؤر ۾ ايڏو تہ نقصان ڪري چڪي هئي، جو محض سڌاري سان ان جي اصلاح ممڪن نہ هئي. ان کان سواءِ ان ويڙهہ جلد سياسي ويڙهہ جي شڪل اختيار ڪري ورتي. نتيجي ۾ عيسائي چرچ جي اصلاح ٿي نہ سگهي، ان کي دفاعي پوزيشن اختيار ڪرڻي پيئي ۽ نيٺ کيس معذرت خواهانہ رويو اختيار ڪرڻو پيو پر چرچ ( پوءِ اها رومن ڪيٿولڪ هئي يا پروٽسٽنٽ ) پنهنجا منجهيل عقيدا نہ ڇڏيا. انهن دنيا کان نفرت، سمجهہ ۾

نہ ايندڙ عقيدا، مظلوم عوام جي مقابلي ۾ بادشاهن جي حمايت ترڪ نہ ڪئي. اٿلو انهن کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ بي وزن دليلن کان ڪم ورتو. نتيجي ۾ وقت گذرڻ سان عوام جي دلين ۾ مذهبي فڪر ڪمزور ٿيندو ويو ۽ آخر ارڙهين صديءَ ۾ فرينچ انقلاب کان پوءِ چرچ جو اقتدار يورپ مان ختم ٿي ويو.

ان کان پوءِ يورپ ۾ نئين سجاڳي اچڻ لڳي ۽ هڪ نئين تهذيب جيڪا چرچ جي غلاميءَ کان آزاد هئي، ابرڻ لڳي. ارڙهين صديءَ جي خاتمي ۽ اڻويهين صديءَ جي شروعات جي لڳ ڀڳ، اسان کي فلاسفي، آرٽ لٽريچر ۽ سائنس جي ميدانن ۾ ڪيترا نامور شخص يورپ ۾ نظر اچن ٿا، پر روحانيت ۽ مذهب جي ميدان ۾ تمام ٿوريون شخصيتون نظر اچن ٿيون. عوام جو وڏو تعداد، جيڪو هڪ ڊگهي عرصي تائين مذهبي پادرين جي منجهيل اصولن ۾ قيد رهيو هو پنهنجي انهن زنجيرن کي ٽوڙي ڦٽو ڪرڻ کان پوءِ مذهب ڏانهن واپس موٽڻ لاءِ تيار نہ هو.

مذهب ڏانهن واپسي جي راهہ ۾ وڏي رڪاوٽ عيسائيت جو مسيح عليہ السلام کي ابن الله مڃڻ وارو عقيدو هو. جيتوڻيڪ فلسفيانہ ذهن رکندڙ عيسائي ان عقيدي کي هوبهو لفظي طور (Literally ) ڪري نہ مڃيندا هئا، پر ان مان سندن مطلب هوندو هو الله جي رحمت جو انساني صورت ۾ مجسم ٿيڻ پر عوام تہ فلسفي کان پري هوندو آهي، عام عيسائي ان عقيدي جا هئا تہ واقعي عيسيٰ عليہ السلام خدا جو پٽ آهي. نتيجي ۾ خدا جو تصور بہ انساني روپ ۾ ٿيڻ لڳو ان دؤر جي مذهبي تصويرن ۾ خدا کي هڪ پوڙهي سفيد ريش بزرگ جي شڪل ۾ پيش ڪيو ويندو هو. اهڙيون هزارين تصويرون ( Paintings ) يورپ ۾ نظر اينديون هيون. چرچ جي اوج واري دور ۾ ان تصور کي غلط سمجهي اعتراض ڪرڻ جي ڪنهن کي



بہ جرئت نہ ٿيندي هئي، پر چرچ جي غلاميءَ کان آزاد ٿيڻ کان پوءِ سوچ رکندڙ شخص خدا جي اهڙي انساني تصور کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. پوءِ جيئن تہ اهي خدا جي ان تصور کان سواءِ بيءَ ڪنهن ڳالهہ کان واقف نہ هئا، ان ڪري خدا ۽ مذهب کان ئي باغي ٿي پيا.

ماءِ! مُرادُون پِرِيَ سين.
اَڏي عَبدُاللَّطيفُ چي كُهَنِ كاتَڙِيُون،
ماءِ! مُرادُون پِرِيَ سين.

اي، ماءَ! منهنجي دل جا سيئي ڳجهہ ۽ راز، منهنجيون خواهشون سڀ پرينءَ سان ئي لاڳاپيل آهن. اهي راتيون جيڪي محبوب سان والهانہ محبت ۽ ان سان راز ونياز ۽ ان جي مخلصانہ عبادت ڪانسواءِ گذريون انهن راتين تي افسوس آهي، قيمتي راتيون محبوب حقيقيءَ جي ذڪر ۽ ياد ڪان غفلت ۾ گذرن، ان ڪان وڏي محرومي ۽ بد نصيبي ڪهڙي هوندي؟

اي، ماءَ! منهنجيون سڀ تمنائون، سڀ يادون ۽ محبتون پرينءَ سان وابستہ آهن_

اهي راتيون منهنجي حياتيءَ جي موڙي آهن، اهي ئي راتيون دل جي راحت ۽ مسرت جو باعث آهن جيڪي پرينءَ سان ڳجهہ ونديدي گذريون_

اي ماءَ ! منهنجيون سڀ مرادون ۽ محبتون، پرينءَ سان لاڳاپيل آهن، محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي جي لاءِ آئون دل جي اونهائين ۾ تپيون هڻندو رهان ٿو ۽ انوار حسن مان فيضياب ٿيندو رهان ٿو_

اي ماءَ ! منهنجي حياتي ۽ ان جون سڀ خواهشون پرينءَ سان آهن عبدالطيف چوي ٿو تہ، آڌيءَ رات جو، محبوب جو اضطراب مونکي بيچين ٿو ڪري، ايئن ٿو لڳي ڄڻ ڪوئي ڪاتيءَ سان ڪهي ٿو.

اي ماءَ ! منهنجي حياتيءَ جون سڀ خوشيون پرينءَ سان وابستہ آهن.

## وائي(٢)

سَڌِين سيڻَ نہ هُونِ نِيهُ نِياپي نہ ٿِيي،
كارِيَ راتِ رَتَ ڦُڙا، جان جان نيڻ نہ رُونِ،
نِيهُ نِياپي نہ ٿِيي.



موڏَڻُ جَنِين مِيهَ ڏُون، پِڙَ تي سِڀي پُونِ،
نِيهُ نِياپي نہ ٿِيي.
جَنِ مُسافِرَ سُپِرِين، سي مَرُ رويون رُونِ،
نِيهُ نِياپي نہ ٿِيي.

محبوب، رڳو سڌ ۽ خواهش ڪرن سان نٿا ملن ۽ پرين رڳو نياپو موڪلڻ سان بہ نہ ايندا آهن بلڪ، محبوب سان هلڻ جي لاءِ، اونداهيءَ رات جا ڳوڙها ڳاڙڻا پون ٿا. ڊگهي عرصي تائين ائين نيڻ ٽمائڻ ۽ سخت مجاهدا ڪرڻ ڪانپوءِ وڃي محبوب سان محبت جو ملڪو مستحڪم ٿئي ٿو. (اهو سمجهڻ ناداني آهي تہ جزوي طور تي ڪجهہ ذڪر ۽ عبادتون ڪرڻ سان نفسي قوتون ڪمزور ٿي پون ٿيون، ائين بقا باالله جو مقام حاصل ٿيو پوي، ائين بلڪل نہ آهي ) نينهن رڳو نياپو ڪرڻ سان نٿو ٿئي ۽ پرين رڳو سڌ ڪرڻ سان نٿا ملن.

( اهو نڪتو طالب کي ڳنڍ سان ٻڌڻ گهرجي ) .

منزل مقصود تائين رسائي انهن کي حاصل ٿئي ٿي، جيڪي عشق جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ آتش عشق ۾ سڙندا رهن ٿا ۽ فرار جي راه اختيار نٿا ڪن .

سڌ ڪرڻ سان پرين نٿا اچن نڪو نينهن تياپن سان ٿئي ٿو.

جيڪي، پرينءَ جي پنڌ جا پڪا پانڌيئڙا آهن تنکي پرينءَ لاءِ رت روئڻ ۽ درد ۾ دانهون ڪرڻ ڪانسواءِ ڪوبہ چاڙهو ڪونهي_ سڌ ۽ خواهشن سان سڄڻ نٿو ملي نہ ئي نينهن نپاپن تي ٿيندو آ.

## وائي (٣)

توٽي تَڙِيين تون، يا اَلا! تو دَرُ توءِ نہ ڇَڏِيان!
موني ڪو مُشاهِدو، جي مُهُ نہ ڏِين مون،
يا اَلا! تو دَرُ توءِ نہ ڇَڏِيان!

اندر مان هر طرح جي گند کي ڪڍي صاف ڪر، ڪوڙ دوکو فريب اهڙين بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪر، سچ ۽ صداقت جو سودو ڪر ۽ ان سودي ۾ ڪوڙ جي ملاوٽ هر گز نہ هجي .

**(۵)**

مانَ پُڇَنئِي سُپِرِين، ڇِتا لاهِ مَ چورُ،
ڪَڍِي ڇڏِ تونُ قلبَ مان، ماري ڪُوڙو ڪورُ،
هُنَ پِرِ سَندو هورُ، مَٿا تو مَعافُ ٿِيي.

دل کي محبوب جي ذڪر سان منور ۽ شاداب ڪر، دل، هر دم محبوب جي ذڪر سان جاري رهي، اهو ئي اهو طريقو آهي جنهن سان پرين پاڻ اچي تنهن جي واهر ڪندا .

قلب تان هر قسم جي " ڪٽ " لاهہ ( جعل سازي، فريب ڪاري، دوکيبازي، منافقت ۽ تضاد کي ڪڍي ٻاهر ڪر، اهو ئي اهو طريقو آهي جنهن سان آخرت ۾ تنهنجي بچاءَ ۽ معافي جي صورت پيدا ٿي سگهي ٿي .

**(٦)**

مانَ پُڇَنئِي سُپِرِين، چيتاريجِ ڇِتُ،
دائِما دُوربِيَ ۾ پَسين وِلاتُنِ وِتُ،
نيهَ نيڪاريءِ لاءِ ڪُ گَڏِ مُعَلِمَ سين.

مجاهدن جي ذريعي، محبوب کي دل ۾ وساءِ، دل کي محبوب جي انوار سان سرشار ڪر، اهو ئي طريقو آهي جو پرين اچي تنهنجي سار لهن، ذڪر ۽ مراقبي سان تنهنجي دل ۾ اها صلاحيت پيدا ٿيندي جنهن سان تون ٻي دنيا جي حالات جو مشاهدو ڪري سگهندين .

اِي طالب ! پنهنجي قلب تان ڪٽ لاهہ ان کي صاف ڪري مرشد جي حوالي ڪر تہ هو خالي قلب کي پنهنجي فيض سان پرڻ شروع ڪري .

**(٧)**

ڪائو ڪَمايوم مُوتِي مون نَہ وَڏِجئا!



سِيهي جو سَيِّدُ چي، وَڪَرُ وِهايومِ !
هِهَڙو حالُ سَندومِ، توهَ تُهِجِيَ اَ بَهان.

مون سموري حياتي ڪچو ڪانچ ڪمايو سچن موتين جي واپار جي سعادت کان محروم رهيس سيد چوي ٿو مون خسيس واپار ڪيو حياتيءَ جا املهہ پل اجايا وڃائي ڇڏيم، هاڻي منهنجي حالت رحم جوڳي آهي، يارب العالمين ! هاڻي تہ بس تنهنجي ئي ٻاجهہ ۽ ڪرم جي سهاري تي جيئان پيو .

**(٨)**

ڪَچُ ڪَمايُمِ ڪُوڙُ، پرِٻَعَهدَ اَللهَ جا!
پِڃِرو جو پاپَنِ جو، چوٽِيَ تائِين چُورُ!
معلومُ اِٿيئِي مُورُ، ڳُوڙها! اِنَهِمَ ڳالِ جو.

مون تہ نيڪين بدران ڏوهہ ڪمايا آهن، الله سان ڪيل عهد ٽوڙيم، سندس حڪمن جي نافرماني ڪيم، منهنجو وجود گناهن سان سرشار آهي ( اي منهنجا ربّ ! ) تون منهن جو س.پ حال ڄاڻين ٿو ( بس پنهنجي ٻاجهہ ۽ رحم ڪر مون تي ).

**(٩)**

ڪُوڙُ ڪَماءِ مَ ڪَچُ اُٿِي اورِ اَللهَ سين،
ڪَڍُ تون دَغا دِل مان، صاحِبَ وَٽي سَچُ،
مَحبتَ سَندو مَنَ ۾ ماڻِڪَ ! ٻارِج مَچُ،
اِنَ پِرِ اُٿِي اَچُ، تہ سَودو ٿِيَئِي سَفَرو.

اهڙو واپار جيڪو توکي ابدي حياتيءَ ۾ ڪم نہ اچي، ان کي ڇڏي ڏي، اٿي الله سان پنهنجو حال اور، ان سان مشغول ٿي وڃ، ان جي ذڪر ۽ ڌيان ۾ پنهنجو وقت گذار .

دل مان ٻيائي، منافقت، دغا، فساد ۽ ڪوڙ کي ڪڍي، سچ سان سينگار، محبوب اعليٰ کي صاف، سالم ۽ سچي دل گهرجي ٿي، ائي ماڻڪ جهڙا

کان ٿي انسان محروم رهجي ويندو امام غزالي رحمة الله عليہ فرمايو آهي تہ جنهن ماڻهوءَ کي باطني علم مان ڪجهہ بہ پلئہ نہ پيو اهو خطري جي حالت ۾ آهي) .



سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالغفور جمالي ٻي قسط

# ترقي پسندي جو بنيادي نظريو

اسان وٽ ترقي پسندي جي نظرئي بابت بي شمار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ اسان جي مڙني معاشي مسئلن جو علاج مارڪسزم ٻڌايو ويو آهي. ضرورت آهي تہ علمي ۽ تحقيقي طور ترقي پسندي جي نظرئي تي ويچار ڪري، ان جون خوبيون ۽ خاميون بيان ڪيو وڃن. انهيءَ ڏس ۾ هيٺ اسين ڪجهہ مضمون پيش ڪري رهيا آهيون.

## مارڪس جو معاشي نظام:

مارڪس جي دعويٰ آهي تہ انسان جي نجات سندس پيش ڪيل معاشي نظام آهي جنهن جا مکيہ اصول هي آهن :

1_ پيداوار جا سمورا ذريعا ذاتي ملڪيت جي بجاءِ معاشري جي قبضي ۾ هئڻ گهرجن.

2_ هر شخص کي پنهنجي طاقت ۽ وسعت آهر محنت ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي محنت جو ڦل سماج کي حاصل هئڻ گهرجي. پوءِ سماج ضرورت آهر سڀني جو انتظام ڪندو. اهڙيءَ طرح نہ تہ ڪو شخص پنهنجي ضرورتن کان محروم رهي سگهي ٿو نہ وري ڪنهن شخص وٽ سندس ضرورتن کان وڌيڪ ڪجهہ بچي سگهي ٿو. مارڪس جي انهيءَ فلسفي تي سندس ساٿي بي حد خوش ٿيڻ لڳا. هو انهيءَ پروگرام کي دنيا لاءِ جنت جو نمونو تصور ڪرڻ لڳا. سندن ساٿين جا جڏهن جذبات ٺڏا ٿيا ۽ سنجيدگيءَ سان انهن مارڪس کان

اهو سوال ڪيو ته سندس پيش ڪيل فارمولا جي پهرين حصي تي ته جيئن تيئن ڪري عمل ڪرائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن سماج مان قوت حاصل ته پوءِ پيداوار جا انفرادي ذريعا مالڪن کان کسي معاشري جي حوالي ڪري سگهجن ٿا. پر اصل مسئلو فارمولا جي ٻئي حصي تي عمل ڪرڻ وقت پيش ايندو. مارڪس کان پڇيو ويو ته اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو جو هر شخص محنت ڪري پيداوار حاصل ڪري ۽ ان مان پنهنجيون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري، واڌو پيداوار ٻين لاءِ ڇڏي ڏي. اهو نظام اُهي ماڻهو ته خوشيءَ سان قبول ڪري سگهن ٿا جن جون ضرورتون سندن محنت جي معاوضي کان وڌيڪ آهن، جيتوڻيڪ اهڙا شخص به آهستي آهستي ٿي پنهنجي محنت ۾ گهٽتائي آڻيندا ويندا، ڇاڪاڻ ته جڏهن هو ڏسندا ته سندن سموريون ضرورتون معاشرو پورو ڪري رهيو آهي ته اهڙي صورت ۾ ڪين سخت محنت ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. پر سوال هي آهي ته جن ماڻهن جو ضرورتون گهٽ آهن ۽ ان جي پيٽ ۾ محنت جو معاوضو تمام وڌيڪ آهي. اهي هن نظام کي ڇو اختيار ۽ قبول ڪن. اهو ڪهڙو جذبو آهي جنهن جي ڪري اهي محنت ڪن ۽ اها محنت به ٿوري عرصي لاءِ نه پر سڄي حياتي ڪندا رهن ۽ پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ اهي رضاڪارانه طور ٻين لاءِ ڇڏي ڏيندا رهن. مارڪس ان جي جواب ۾ چيو ته اها ڳالهه پاڻ به ڪيس سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته ائين ڪيئن ٿيندو ۽ ڪهڙو جذبو ماڻهن کي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪندو. پر چيائين ته بهرحال انسانن جي مشڪلاتن ۽ مونجهارن جو حل ان کان سواءِ ٻيو ڪوٿي نٿو سگهي. دوستن جي مٿئين سوال کان تنگ ٿي مارڪس انهن کي چوندو هو ته توهان کي اهڙي قسم جا بحث نه ڪرڻ گهرجن.

ساڳيو ئي سوال جڏهن لينن کان ڪيو ويو ته هن جواب ڏنو:



اهي ڪهڙا مرحلا ۽ ڪهڙا اقدام آهن جنهن کان گذري انسان انهيءَ بلند مقصد کي حاصل ڪندا انهيءَ سوال جو جواب مون وٽ ڪين آهي نه وري ان سلسلي ۾ اسين ڪجهه معلوم ڪري سگهون ٿا. اهو سڀ ڪجهه رضا خوشيءَ سان ٿيندو ڪميونزم ۾ ائين ئي ٿيندو پر اهو ڪيئن ٿيندو، ان باري ۾ اسين ڪجهه به نٿا چئي سگهون.

اهو اُهو مقام آهي جتي ويچارو مارڪس ناڪام ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته اُهي حقيقتون جيڪي ڪيس انهيءَ سوال جو جواب ڏين ها، هو انهن جو انڪاري هو. اهي حقيقتون خدا، وحي، رسالت ۽ اسلام جي صداقت جون آهن. نه فقط مارڪس پر مارڪس جا ٻيا مريد به انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ کان بي وس آهن ته آخر اهو ڪهڙو جذبو آهي جيڪو ماڻهن کان رضاڪارانه طور تي ڪم ڪرائيندو. ماڻهو سخت پورهيو ڪري، جان کي هلاڪ ڪري پيداوار حاصل ڪندو ۽ ضرورت کان واڌو پيداوار ٻين جي لاءِ ڇڏي ڏيندو ته پلي اُهي ان مان پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪن.

جڏهن مارڪس ۽ سندس ساٿي انهيءَ مونجهاري کي حل ڪري نه سگهيا ته پوءِ انهن فيصلو ڪيو ته هاڻي ڪميونزم کي اتي اڌ ۾ ئي ڇڏي، ان جي پهرين حصي يعني پيداواري ذريعا مالڪن کان کسي حڪومت جي حوالي ڪيا وڃن. تي عمل ڪيو وڃي. انهي شيءِ کي سوشلزم جو نالو ڏنو ويو. مارڪس جو چوڻ هو ته ڪميونزم جي انهيءَ حصي تي عمل ڪرڻ يا سوشلزم لاءِ سختي ۽ تشدد کان ڪم وٺڻو پوندو ڇاڪاڻ ته ماڻهو هولناڪ تشدد کان سواءِ پنهنجي انفرادي ملڪيت ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيندا .

لينن پنهنجي ڪتاب رياست ۽ انقلاب ( state and revolution) ۾ لکي ٿو.

انقلاب هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جي وسيلي آباديءَ جو هڪڙو حصو ٻئي حصي تي، تلوار، گولين ۽ بمن ۽ تشدد جي ذريعي حڪومت ڪندو آهي.

مارڪس جو خيال هو تہ سوشلز، سرمائيداريءَ ۽ ڪميونزم جي وچين دور لاءِ وقتي نظام هوندو ۽ آخر ۾ سوشلزم ڦري ڪميونزم جي صورت اختيار ڪندو. انهيءَ عارضي ۽ وچين وقفي ۾ رياست جو سياسي نظام مزدورن جي ڊڪٽيٽر شپ تي مشتمل هوندو.

مزدورن جي انهيءَ ڊڪٽيٽر شپ جي متعلق اسٽالن پنهنجي ڪتاب لينن ازم ۾ لکي ٿو:

مزدورن جي ڊڪٽيٽر شپ هڪ اهڙي قوت آهي جيڪا مڪمل ۽ با اختيار آهي. مزدورن جي اها ڊڪٽيٽر شپ ڪنهن بہ قانون ۽ ضابطي جي پابند نہ هوندي. آئيني حڪومتون ۽ انهن جا علمبردار اهو چٽيءَ طرح ٻڌي ڇڏين تہ ڊڪٽيٽر شپ جو مطلب اهڙي حڪومت آهي، جنهن ۾ زبردست ڏاڍ ۽ قوت هوندي ۽ جنهن ۾ آئين، دستور، قانون ۽ مذهب سان ڪنهن قسم جو تعلق نہ هوندو.

اهڙي ڊڪٽيٽر شپ نہ فقط عوام سان ڏاڍ ۽ جبر جو معاملو ڪندي پر اها پنهنجي پارٽيءَ وارن سان بہ ساڳئي سختيءَ ۽ ڦهر سان پيش ايندي. روس ۾ ڪميونسٽ انقلاب 1917ع ۾ آيو 1920ع ۾ لينن اعلان ڪيو:

هاڻي اها ڳالهہ تہ واضع ٿي چڪي آهي تہ جيڪڏهن اسين فولادي ڊسپلن ۽ ڏاڍ جو مظاهرو نہ ڪيون ها تہ بالشويڪ پارٽي ( ڪميونسٽ پارٽي ) اڍائي سال تہ پري رهيو اڍائي مهينا بہ اقتدار ۾ نہ رهي سگهي ها. مارڪسي نظريي مطابق سوشلزم کي قائم رکڻ لاءِ سڄي قوم ۽ پارٽيءَ تي جابرانہ ۽ مشددانہ نظام قائم رکڻ ضروري آهي.



اهو نظام اخلاقي قانون ۽ ضابطي کي هرگز نٿو مڃي_ 1920ع ۾ لينن ڪميونسٽ نوجوانن کي ٽين ڪانگريس اڳيان تقرير ڪندي چيو هو:

اسين اهڙن سمورن اخلاقي ضابطن کي رد ڪريون ٿا جيڪي ڪنهن مٿينءَ هستيءَ جي تصور تي ٻڌل آهن. اسين پڌري پٽ چئون ٿا تہ ڪنهن فوق الفطرت هستي کي مڃڻ فريب کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. اها سرمائيدارن جي ايجاد آهي جن مزدورن ۽ هارين کي اونداهيءَ ۾ رکڻ لاءِ اهو تصور گهڙيو هو. اسان جو اخلاقي ضابطو پورهيت طبقي جي طبقاتي ويڙهہ ۽ سندس مفادتي ٻڌل آهي. سرمائيدارن جو اهو چوڻ تہ سندن اخلاقي ضابطو خدا جي حڪمن تي ٻڌل آهي، هڪ بڪواس آهي. اسين خدا کي نٿا مڃون. اخلاق انساني معاشري جو نالو آهي. اسين ابدي سچائيءَ جي نالي سان ڪنهن بہ شيءِ کي نٿا مڃون. اهڙي قسم جي اخلاق متعلق جيڪي بہ ڳالهيون چيون ويون آهن ۽ عقيدا گهڙيا ويا آهن، اسين انهن سڀني کي ختم ڪري ڇڏينداسين.

سوشلسٽ حڪومت نہ رڳو تشدد ۽ سختيءَ جي قائل آهي پر اها مڪرفريب، ٺڳي ۽ ڪوڙ کي بہ جائز سمجهي ٿي. اهي حرڪتون نہ صرف عوام خلاف ڪيون وينديون هيون پر پارٽيءَ جي ماڻهن جي بر خلاف بہ انهن هٿيارن کان ڪم ورتو ويندو آهي. جڏهن مشهور اشتراڪي ليڊر ( DR G. Lucknz ) کان سوال ڪيو ويو تہ ڇا اشتراڪي ليڊرن لاءِ اهو جائز آهي تہ اهي پارٽيءَ جي ميمبرن سان ڪوڙ ڳالهائين ۽ فريب کان ڪم وٺن تہ هن جواب ۾ چيو:

اشتراڪي اخلاق اهو آهي تہ ضرورت جي وقت بدديانتي ۽ بي ايمانيءَ کان ڪم ورتو وڃي. ائين ڪرڻ اهڙي قرباني آهي، جنهن جي اسان کان انقلاب تقاضا ڪري ٿو.“ ( our threatened values )

انهيءَ مان اوهين سوشلسٽ اخلاق جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. جڏهن سوشلزم جي ڪنهن حاميءَ سان اهي حقيقتون بيان ڪيون وڃن ٿيون ته هو هڪدم چوي ٿو ته اهو سڀ صحيح آهي واقعي ڪميونسٽ رياستن ۾ ڪوڙ فريب وغيره سڀ ڪجهه موجود آهي پر ائين ڪرڻ سان ئي ته معاشي عدل قائم ٿي سگهي ٿو ۽ طبقاتيت ختم ٿي سگهي ٿي. ذريعن ۽ طريقن ڪان وڌيڪ اهميت نتيجن کي حاصل آهي، ان ڪري اسان کي نتيجن کي ڏسڻ گهرجي. جيڪڏهن مقصد صحيح آهي ته پوءِ ان لاءِ غلط ذريعا استعمال ڪرڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي.پر نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سوشلزم ۾ ڏاڍا جا مٿيان سمورا طريقا اختيار ڪرڻ جي باوجود اهو مقصد حاصل ٿي نه سگهيو آهي ۽ نه وري مستقبل ۾ ڪڏهن حاصل ٿي سگهي ٿو. جنهن جي حاصلات لاءِ اهي طريقا اختيار ڪيا ويا.

حقيقت هيءَ آهي ته اسان وٽ ڪميونزم جي حامين مان اهڙا ڪميونسٽ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس هوندا جن ڪميونزم يا سوشلزم جو عملي طور مطالعو ڪيو هجي. ڪميونسٽ ويچارا جذباتي ٿين ٿا ۽ ٻڌل ٻڌايل ڳالهين تي يقين ڪرڻ لڳن ٿا. مارڪس پاڻ چيو هو ته سوشلزم جي وسيلي معاشي انصاف حاصل نه ٿي سگهندو.

چوي ٿو:

ماڻهن جون صلاحيتون ۽ حالتون مختلف آهن. ڪنهن کي طاقت حاصل آهي ته ڪنهن کي ڪجهه نه آهي ڪو پرڻيل ۽ عيالدار آهي ته ڪو ڇڙو ڇانڊ. ڪنهن کي ٿورا ٻار آهن ته ڪنهن کي گهڻا. پر سوشلزم ۾ ائين ٿيندو آهي ته ڪنهن کي وڌيڪ ملندو ته ڪنهن کي گهٽ. تنهنڪري سوشلسٽ رياست ۾ فرد هڪ ٻئي جي پيٽ ۾ امير هوندا. تنهنڪري سوشلزم ۾ عدل ۽ هڪ جهڙائي قائم نه ٿي سگهندي،



ان ۾ دولت جو فرق موجود رهندو. هوندن ته اها وڏي ڪمزوري آهي، پر ڪميونزم جي پهرين مرحلي ( سوشلزم ) ۾ اها ڪمزوري ضروري رهندي. ان جو ڪو به علاج ڪونهي. ( لينن ص 351)

اهو آهي مارڪس ۽ لينن جو لفظن ۾ سوشلزم جو نتيجو ۽ ان جي ٿالثي هر اهو ملڪ آهي جتي سوشلزم رائج آهي. اهو ئي سبب آهي جو سوشلزم ڪٿي به ڪامياب ٿي نه سگهيو آهي. جنهن نظام ۾ نه ته طبقاتي فرق ختم ٿي سگهيو هجي نه معاشي عدل قائم ٿي سگهيو هجي آخر اهڙي نظام کي پوليس ۽ فوج جي زور تي ڪيترو وقت قائم رکي سگهجي ٿو.

## معاشي مسئلي جو صحيح حل:

مارڪس جو اهو چوڻ ته صحيح آهي ته انسان جون معاشي مشڪلاتون انهيءَ اصول تي عمل ڪرڻ سان ئي حل ٿي سگهن ٿيون. هر شخص پنهنجي صلاحيت آهر ڪم ڪري ۽ ضرورتن مطابق حصو حاصل ڪري .

پر مارڪس کي اهو بنياد هٿ اچي نه سگهيو جنهن تي انهيءَ نظام جي عمارت اڏي سگهجي. ڪيس اهو جذبو حاصل ٿي نه سگهيو جنهن جي ذريعي هو انسانن کي انهيءَ عظيم قربانيءَ تي آماده ڪري سگهي. لينن اعتراف ڪري ٿو ته انهيءَ عظيم مقصد لاءِ هڪ اهڙي جذبي جي ضرورت آهي جنهن سان انسان رضا خوشيءَ سان محنت ڪري سگهي پر اهو جذبو ڪيئن پيدا ٿئي، اهو اسان جي سمجهه ڪان ٻاهر آهي .

## جذبو ۽ حل:

جيئن ته اسان جي اها دعوي آهي ته اهو جذبو اسلام پيدا ڪري ٿو ان ڪري اچو ته ڏسون ته اسلام انسان جي اندر اهو جذبو ڪيئن پيدا ڪري ٿو. قرآن چوي ٿو ته اهو جذبو ايمان جي معرفت پيدا ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته اسان جي دوست ڪميونسٽن جي حالت

اها آهي تہ اهي ايمان جو نالو ٻڌندي ئي هڪ عجيب ڪيفيت جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۽ چون ٿا تہ ايمان انڌيءَ عقيدت جو نالو آهي، جنهن جو بنياد خوف تي قائم آهي ۽ اهو جهالت جي پيداوار آهي، جڏهن تہ موجوده دور اهڙن وهمي خيالن کان ڪافي اڳتي وڌي چڪو آهي. اسين اهڙين ڳالهين تي يقين نٿا ڪريون. جديد دور ايمان ۽ عقيدي جي نالي تي مفاد پرستن جي پيدا ڪيل هٿرادو بتن کي پيچي ڇڏيو آهي وغيره وغيره. اسان جا ڪميونسٽ دوست اهڙيون ڳالهيون ڪري ماڻهن تي پنهنجي انقلابي هئڻ جو رعب ڄمائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر افسوس آهي تہ هو پنهنجي انهيءَ غلطيءَ کي سمجهڻ لاءِ صفا تيار ناهن.

مارڪس ۽ اينجلز تہ وري بہ عيسائي مذهب جو مطالعو ڪيو هو پر اڄ ڪالهہ جو ڪميونسٽ تہ ڪنهن بہ مذهب جو مطالعو نہ ٿا ڪن اهي رڳو ٻڌل سڌل ڳالهين تي ڪٽي ڳنڍ ڏيندا رهن ٿا. مذهب متعلق گفتگو ڪرڻ وقت سندن پهريون سوال اهو هوندو آهي تہ خدا جي وجود کي ثابت ڪيو وڃي. سندن سوال مان معلوم ٿيندو آهي تہ ڄڻ خدا ڪنهن جاءِ تي ويٺو آهي جو ڪين اکين سان ڏيکاريو وڃي. خدا ۽ ايمان بابت گفتگو ڪرڻ کان اڳ اسين ڪميونسٽ دوستن کان پاڻ هڪ سوال ڪريون ٿا، مارڪس جو نظريو جنهن تي ڪميونزم جي بنياد آهي چوي ٿو تہ هڪ مقرر قانون آهي جنهن ذريعي معاشي ڦير ڦار ٿيندي رهي ٿي. انهيءَ قانون کي مارڪس تاريخي جبريت جو نالو ڏئي ٿو. اسان جو سوال اهو آهي تہ ڇا اوهين انهيءَ تاريخي جبريت يا ان جي پويان عمل ڪندڙ ڪنهن طاقت جي ثابتي ڏيئي سگهو ٿا ۽ ان کي بہ ۽ چار وانگر ثابت ڪري سگهو ٿا يقيناً اوهين هرگز ائين نٿا ڪري سگهو.



حقيقت ۾ اسان جا ڪميونسٽ دوست مارڪس جي بيان ڪيل تاريخي جبريت تي بنا ڪنهن دليل ۽ ثابتيءَ جي انڌو ايمان آڻين ٿا پر جڏهن انهن جي سامهون خدا تي ايمان جي ڳالهہ ڪجي ٿي تہ هو هڪ دم ان کي انڌي عقيدت جي نالي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا حالانڪ اهڙي انڌي عقيدت جو مظاهرو پاڻ ڪندا آهن.

## ايمان

اچو تہ ڏسون تہ ڇا واقعي ايمان انڌي عقيدت کي چيو وڃي ٿو؟ قرآن مؤمنن جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو:

اذا ذكرو بايات ربّهم لم يخرو عليها صمّاً وّ

ترجمو : جڏهن انهن جي سامهون الله جي آيتن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو تہ اهي انڌا ٻوڙا ٿي ( اڪيون ٻوٽي ) انهن کي قبول نٿا ڪن ( مطلب تہ انهن تي غور فڪر ڪري قبول ڪن ٿا ) خود رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن کي چيو ويو تہ اعلان ڪر تہ:

ادعوا الي الله عليٰ بصيرة انا ومن التبعني .

يعني : آءٌ اوهان کي خدا جي جنهن دعوت ڏانهن سڏيان ٿو تہ پوري يقين ۽ بصيرت سان سڏيان ٿو منهنجا پوئلڳ بہ ائين ئي ڪن ٿا. پروفيسر آربري ان آيت جي ترجمي ۾ " عليٰ بصيرة " جو ترجمو ڪيو آهي (WITH SURE) ۽ هڪ ٻئي مترجم ( Knowledge ) ترجمو ڪيو آهي. ڇا انڌي عقيدت ائين ٿيندي آهي. قرآن پنهنجي دعويٰ جي ثابتي لاءِ دليل ڏنا آهن ۽ مخالفن کان بہ پنهنجي دعويٰ جي صداقت لاءِ دليلن جو مطالبو ڪيو آهي:

هاتوا برهانكم ان كنتم صدقين

جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ پوءِ پنهنجا دليل آڻيو.

اسلام ڪابہ ڳالھہ بنا دليل ۽ ثابتيءَ جي نہ ٿو چوي. قرآن مجيد جي مطابق ايمان اهڙي يقيني شئي جو نالو آهي جنهنجي بنياد علم ۽ بصيرت تي آهي ۽ جنهن کي دليل ۽ ثابتيءَ ذريعي مضبوط ڪيو وڃي. قرآن مجيد فقط نظرياتي دليل ئي نٿو ڏئي پر اهو دعوت ڏئي ٿو تہ سندس پيش ڪيل نظام جي نتيجن تي بہ غور ڪيو وڃي. قرآن مجيد رسول الله صلي الله عليہ وسلم کي چوي ٿو تہ انهن ڪافرن کي چؤ تہ آءٌ هڪ نظام پيش ڪري رهيو آهيان. ان جي پيٽ ۾ اوهين بہ هڪ نظام پيش ڪريو ٿا، اوهان جي دعوي آهي تہ توهان وارو نظام ئي ڪامياب ٿيندو ۽ منهنجو پيش ڪيل نظام ناڪام ٿيندو. انهيءَ دعوي کي پرکڻ جو طريقو اهو ئي آهي تہ:

اعملوا علي مڪانتڪم اني عامل فسوف تعلمون من تکون لہ عاقبۃ الدار انہ لا تفلح لظّلمون

يعني اوهان پنهنجي پروگرام تي عمل ڪريو ۽ مون کي پنهنجي پروگرام تي عمل ڪرڻ ڏيو. نتيجي مان ظاهر ٿيندو تہ ڪنهن جي دعوي سچي آهي. پر ايتري ڳالھہ ٻڌي ڇڏيو تہ ظلم تي ٻڌل نظام هرگز ڪامياب ٿي نٿو سگهي.

اهو آهي اهو ازلي قانون جيڪو وحيءَ جي روشني ۾ دنيا جي آڏو پيش ڪيو ويو.

مارڪس جو تاريخي جبريت وارو نظريو چوي ٿو تہ دنيا ۾ هر نظريو بدلبو رهندو ۽ پوءِ آخر ۾ ان جو مخالف نظريو سندس جاءِ وٺندو. انهيءَ اصول مطابق تہ ڪجھہ وقت کان پوءِ سوشلزم ختم ٿي ويندو ان جي جاءِ ان جو مخالف نظريو وٺندو. پر قرآن چوي ٿو تہ:

ما ينفع الناس فيمڪث في الارض.

يعني جيڪو نظام انسان ذات لاءِ فائديمند آهي اهو ئي قائم رهندو.

اسين ڪميونسٽ دوستن کان پڇون ٿا تہ انهيءَ مان ڪهڙو نظريو صداقت تي مبني آهي. ڇا اهو نظريو تہ هر نظام ( توڙي جو اهو انسان ذات



لاءِ ڪيڏو بہ نفع بخش چو نہ هجي ) فنا ٿيڻو آهي ان جي جاءِ تي نئون نظريو ايندو يا اهو نظريو تہ دنيا ۾ اهو ئي فلسفو قائم رهي سگهي ٿو جيڪو انسانيت لاءِ نفع بخش هجي. ٻڌايو وڃي تہ انسان ذات لاءِ ڪهڙو نظريو مفيد آهي.

قرآن مجيد مطابق ايمان انهن اصولن جي سچائيءَ تي يقين ڪرڻ جو نالو آهي جيڪي:

1.علم ۽ بصيرت تي ٻڌل هجن.
2. سموري انسانيت ذات لاءِ فائديمند هجن.
3.جن جي نتيجن مان انهن جي سچائي ثابت ٿيندي هجي.
4. جيڪي مستقل هجن ۽ انهن ۾ روزانہ ڦير ڦار نہ ٿيندي هجي.

ظاهر آهي تہ اهڙن اصولن تي ايمان دل ۽ دماغ جي ڪامل اطمينان سان ئي آڻي سگهجي ٿو. ان ڪري فرمايو ويو:

لا اڪراہ في الدين

يعني دين کي ( مڃڻ لاءِ زور ) زبردستي نہ آهي ڇو تہ زبردستي سان دل ۽ دماغ جي رضا مندي حاصل نٿي ٿئي.

قرآن مجيد انڌي ۽ ٻوڙي عقيدت جو مخالف آهي. اهو آزاديءَ سان غور فڪر ڪري ايمان آڻڻ جي دعوت ڏئي ٿو جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Rational Faith ) سڏيو وڃي ٿو.

هاڻي اچو تہ ڀيهر مارڪس جي فلسفي تي هڪ نظر وجهون. مارڪس چيو هو تہ :

انسان ذات جون مشڪلاتون هڪ اهڙي نظام سان ئي حل ٿي سگهن ٿيون جنهن ۾ هر شخص پنهنجي طاقت ۽ صلاحيت آهر ڪم ڪري ۽ انهيءَ نفعي مان هو فقط ايترو ڪٽي جنهن سان سندس ضرورتون پوريون ٿين.

پر مارڪس کي اهو جذبو معلوم ٿي سگهيو جنهن جي آڌار تي انسان اها قرباني ڏئي ۽ پنهنجي محنت جي واڌو ڪمائي ۽ منافعي کان دست بردار ٿئي. ظاهر آهي تہ اهو جذبو دل ۽ دماغ جي رضا منديءَ کان سواءِ پيدا ئي نہ ٿو ٿي سگهي. مارڪس چيو هو تہ اهڙي جذبي پيدا ٿيڻ لاءِ انسان ذات

کي سوشلزم جي دور مان گذرڻو پوندو انهيءَ سوشلزم کي طاقت ۽ ڏاڍ سان ٿي قائم ڪرڻو پوندو.

پر اسان کي قرآن مجيد ٻڌائي ٿو ته انسان جي اندر رضاڪارانه طور تي قرباني ڏيڻ جي جذبي لاءِ ڪنهن انتظار جي ضرورت نه پوندي اهو جذبو خدا جي مقرر ڪيل مستقل قدرن تي ايمان آڻڻ سان ازخود حاصل ٿي ويجي ٿو. ڪميونسٽ ويچارا پنهنجي گهٽ سمجهه ۽ جذبات جي گرمي ڪري اڳ ئي انهن مذهبي قدرن (values) کي رد ڪري چڪا آهن.